القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ م مِنْهُمْ مَّنْ

اهي رسول پلو ڪيو سون انهن مان هڪڙن کي ٻين تي انهن مان ڪو آهي جنهن سان

اهي پيغمبر آهن. انهن مان هڪڙن کي ٻين کان پلو ڪيوسين. منجهانئن ڪن سان الله ڳالهايو

كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ط وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ

ڳالهايو الله ۽ مٿي ڪيائين انهن مان ڪن جا درجا ۽ ڏنا سون عيسيٰ پٽ مريم کي

۽ ڪن کي درجن ۾ بلند ڪيائين. ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي کي چٽا معجزا ڏناسون

الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ

چٽا معجزا ۽ طاقت ڏني سون ان کي روح القدس سان، جيڪڏهن گهري ها الله ته نه وڙهن ها اهي جيڪي هئا

۽ کيس پاڪ روح سان مدد ڏني سون، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته جيڪي (ماڻهو) انهن (پيغمبرن)

مِنْۢ بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا

رسولن بعد هن ڪان پوءِ جو آيا انهن وٽ پڌرا حڪم پر اختلاف ڪيائون

کان پوءِ هئا سي پاڻ وٽ چٽن معجزن اچڻ کان بعد (پاڻ ۾) نه وڙهن ها پر اختلاف ۾ پيا

فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا قف

پوءِ انهن مان ڪنهن ايمان آندو ۽ انهن مان ڪنهن ڪفر ڪيو ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته نه وڙهن ها.

پوءِ منجهانئن ڪن ايمان آندو ۽ منجهانئن ڪن ڪفر ڪيو. ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته (پاڻ ۾) نه وڙهن ها.

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿٢٥٣﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا

پر الله ڪري ٿو اهو جيڪي ارادو ٿو ڪري، اي ايمان وارؤ! خرچ ڪريو ان مان جو

پر الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي. اي مؤمنو! جيڪي اوهان کي رزق ڏنوسون تنهن مان

رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّ

رزق ڏنوسون توهان کي اڳي ان کان جو اچي اهڙو ڏينهن ناهي واپار جنهن ۾ ۽ نڪي دوستي ۽

ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ، خرچ ڪريو جنهن ۾ نڪو واپار ۽ نڪا ياراڻي آهي ۽

لَا شَفَاعَةٌ ط وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٥٤﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج

نڪي سفارش، ۽ ڪافر ئي ظالم آهن. آهي الله ناهي ڪوئي مالڪ مگر اهو،

نڪا پارت هلندي، ۽ ڪافر ئي ظالم آهن. الله (اهو آهي جو) ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي،

اَلْحَیُّ الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ط لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ

سدا جيئرو بيهڪ ڏيندڙ، نه ٿي وٺي ان کي پنڪي ۽ نه ڪي ننڊ، انهيءَ جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي

(اهو سدائين) جيئرو (جهانن کي) بيهڪ ڏيندڙ آهي، کيس نڪي پنڪي ۽ نڪي ننڊ وٺندي آهي، جيڪي آسمانن ۾ آهي

وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗۤ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ

۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ڪير آهي اهو جو پارت ڪري ان وٽ بنا موڪل ان جي، ڄاڻي ٿو

۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سڀ) سندس (ملڪيت) آهي . ڪير آهي جو سندس موڪل ڌاران وٽس پارت ڪري سگهي؟

مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ

جيڪي انهن جي سامهون آهي ۽ جيڪي پٺيان انڻ، ۽ نه ٿا گهيرو ڪن ڪنهن به شيءِ تي

جيڪي انهن (مخلوقن) جي اڳيان آهي ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (سڀ) ڄاڻندو آهي. جيڪي گهري تنهن ڪان سواءِ

مِّنْ عِلْمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ وَ

ان جي علم مان مگر ان تي جيڪي اهو گهري، ماپايو ڪرسيءَ ان جي آسمانن ۽ زمين کي، ۽

سندس علم مان ڪنهن ذري کي (اهي) گهيرو ڪري نه سگهندا آهن. سندس (بادشاهيءَ جي) ڪرسيءَ آسمانن ۽ زمين کي ليپيٽيو آهي،

لَا يَـُٔوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٢٥٥﴾ لَاۤ اِكْرَاهَ

نه ٿو ٿڪائي ڪيس سنڀالڻ انهن جو ۽ اهوئي تمام مٿاهون سڀ کان وڏو آهي. ناهي مجبوري

۽ انهن جي سنڀال کيس نه ٿڪائيندي آهي، ۽ اهو (سڀ کان) مٿانهون وڏي وڏائيءَ وارو آهي. دين مڃائڻ ۾

فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ

دين ۾، ڇوته پڌري ٿي پئي ڀلائي برائي کان پوءِ جيڪو نه مڃي بي فرمان کي

ڪا زبردستي نه آهي (ڇو ته) بيشڪ گمراهيءَ کان هدايت (جدا ٿي) پڌري ٿي آهي. تنهن ڪري جيڪو طاغوت (يعني خدا کان

وَيُؤْمِنْ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۗ لَا انْفِصَامَ

۽ ايمان آڻي الله تي ته بيشڪ انهيءَ پڪڙيو ڪڙو مضبوط جو ناهي ڇڄڻ

سواءِ ٻين معبودن) کي نه مڃي ۽ الله کي مڃي تنهن بيشڪ اهڙي مضبوط ڪڙيءَ کي ورتو جنهن کي ڇڄڻ نه آهي،

لَهَا ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾ اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ

ان کي، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. الله مددگار آهي ايمان وارن جو ڪڍي ٿو انهن کي

۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. الله مومنن جو سنڀاليندڙ آهي کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن

مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ

اونداهين مان روشنيءَ ڏانهن ۽ اهي جن ڪفر ڪيو تن جا مددگار شيطان آهن

ڪڍندو آهي، ۽ جيڪي ڪافر آهن تن جا مددگار (خدا کان سواءِ جن جي عبادت ڪن ٿا سي) ٻت آهن

يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ

ڪڍن ٿا انهن کي روشنيءَ کان اونداهين ڏانهن. اهي جهنم وارا آهن، اهي

کين سوجهري مان اونداهين ڏانهن ڪڍندا آهن، اهي دوزخي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا

فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥٧﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِیْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِیْ رَبِّهٖٓ اَنْ

ان ۾ همیشہ رهندا. چا نہ ڏٺو تو انهيءَ ڏانهن جنهن تکرار کیو ابراهیم سان سندس پالیندڙ بابت هن ڪري جو

آهن. (اي پيغمبر!) تو اُن ڏانهن نہ ڏٺو ڇا؟ جنهن پنهنجي پالڻهار بابت ابراهيم سان (انهي مغروري ۽ سبب)

اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ ۘ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّیَ الَّذِیْ یُحْیٖ وَ یُمِیْتُ ۙ

ڏني ان کي الله بادشاهي، جڏهن چيس ابراهيم منهنجو رب اهو آهي جو جیاري ٿو ۽ ماري ٿو

تکرار کيو جو الله کيس بادشاهي ڏني هئي، جڏهن ابراهيم چيو تہ، منهنجو پالڻهار اهو آهي جيکو جیاریندو آهي ۽

قَالَ اَنَا اُحْیٖ وَ اُمِیْتُ ؕ قَالَ اِبْرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ یَاْتِیْ بِالشَّمْسِ

هن چیو مان بہ جیاریان ٿو ۽ ماریان ٿو، چیو ابراهیم تہ الله آڻي ٿو سج

ماریندو آهي. (ڪافر) چيو تہ، آءُ (بہ) جیاریان ٿو ۽ ماريان ٿو. ابراهيم چيو تہ، الله سج کي اوڀر کان اڀاريندو آهي

مِنَ الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِیْ كَفَرَ ؕ

اوڀر کان پوءِ آڻ تون ان کي اولهہ کان پوءِ وائڙو ٿيو ڪافر،

تنهن ڪري (تون) اُن کي اولهہ کان اڀار! پوءِ ڪافر هڪو ٻڪو (وائڙو) ٿي ويو. ۽ الله ظالم

وَ اللّٰهُ لَا یَهْدِی الْقَوْمَ الظّٰلِمِیْنَ ﴿٢٥٨﴾ ۚ اَوْ كَالَّذِیْ مَرَّ عَلٰى قَرْیَةٍ

۽ الله راهہ نہ ٿو ڏيکاري ظالمن جي قوم کي. يا نہ ڏٺو تو انهيءَ ڏانهن جو لنگهيو هڪ ڳوٺ تان

توليءَ کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي. يا انهيءَ طرح انهي (پيغمبر) کي (ڏٺئي ڇا؟) جو هڪ ڳوٺ وٽان هن حالت ۾

وَّ هِیَ خَاوِیَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰى یُحْیٖ هٰذِهِ اللّٰهُ

۽ اهو ڍٺو پيو هو پنهنجن ڇتين تي، چيائين ڪيئن جیاريندو هن کي الله

لنگهيو جو اهو پنهنجين ڇتين سوڌو ڊٺل هو (ڏسي ڪري) چيائين تہ هن کي الله ڪهڙي طرح سندس ڦٽڻ کان

بَعْدَ مَوْتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمْ لَبِثْتَ ؕ

ان جي فنا ٿيڻ بعد، پوءِ ماري ڇڏيو ان کي الله سؤ ورهيہ پوءِ اُٿاريائينس، ۽ فرمايائين ڪيترو رهيو آهين،

پوءِ وسائيندو! پوءِ الله کيس سؤ ورهہ ماريو وري کيس (جياري) اٿاريائين۔ الله چيو ڪيترو رهئين؟

قَالَ لَبِثْتُ یَوْمًا اَوْ بَعْضَ یَوْمٍ ؕ قَالَ بَلْ لَّبِثْتَ مِائَةَ عَامٍ

چيائين رهيس ڏينهن يا ڪو حصو ڏينهن جو، فرمايائين نڪو، تون رهيو آهين هڪ سؤ ورهيہ

چيائين تہ هڪ ڏينهن يا ڪجهہ پهر رهيو آهيان. (الله) چيو تہ، بلڪ سؤ ورهہ دير ڪئي اٿيئي پوءِ پنهنجي

فَانْظُرْ اِلٰى طَعَامِكَ وَ شَرَابِكَ لَمْ یَتَسَنَّهْ ۚ وَ انْظُرْ اِلٰى حِمَارِكَ

پوءِ نهار پنهنجي کاڌي ۽ پيتي ڏانهن جو نہ خراب ٿيو آهي ۽ ڏس پنهنجي گڏهہ ڏانهن،

طعام ۽ پنهنجي پاڻيءَ ڏانهن نهار! جو اهو نہ سنواريو آهي، پنهنجي (مئل) گڏهہ ڏانهن نهار (تہ جياري توکي ڏيکاريون)

وقف لازم

وَلِنَجْعَلَكَ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَانْظُرْ اِلَى الْعِظَامِ كَيْفَ نُنْشِزُهَا

۽ ڪرڻ گهرون ٿا توکي نشاني ماڻهن لاءِ ۽ نظر ڪر هڏين ڏانهن ڪيئن ٿا ڪٽي جوڙيون انهن کي

۽ (اهو هن لاءِ ڪيوسين) ته توکي ماڻهن لاءِ نشاني ڪريون ۽ (هاڻي گڏهه جي) هڏن ڏانهن ڏس ته ڪين ڪيئن جوڙيون ٿا،

ثُمَّ نَكْسُوْهَا لَحْمًا ؕ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

پوءِ ڍڪيون ٿا انهن تي گوشت، پوءِ جڏهن اهو ظاهر ٿيو ان لاءِ چيائين آءٌ يقين ڪريان ٿو بيشڪ الله هر شيءِ تي

وري انهن (هڏن) کي گوشت پهرايون ٿا، پوءِ جنهن مهل ان تي (اهو حال) پڌرو ٿيو (تڏهن) چيائين ته، ڄاڻان ٿو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ تي

قَدِيْرٌ ﴿٢٥٩﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِيْ كَيْفَ تُحْيِ الْمَوْتٰى ؕ

سگهه رکندڙ آهي. ۽ جڏهن چيو ابراهيم اي منهنجا رب! مونکي ڏيکار ته ڪيئن جيئرو ٿو ڪرين مئلن کي؟

وس وارو آهي. ۽ (ياد ڪر!) جڏهن ابراهيم چيو ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي ڏيکار ته ڪهڙي طرح مئلن کي جياريندو آهين،

قَالَ اَوَلَمْ تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰى وَلٰكِنْ لِّيَطْمَئِنَّ قَلْبِيْ ؕ قَالَ فَخُذْ

فرمايائين تون ويساهه نه ٿو ڪرين؟ چيائين هائو، پر جئن قرار وٺي دل منهنجي، فرمايائين وٺ

(الله) چيو ته، نه ٿو مڃين ڇا؟ (ابراهيم) چيو ته، هائو (مڃيان ٿو) پر هن لاءِ ته منهنجيءَ دل کي تسلي ٿئي،

اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّيْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَيْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ

چار عدد پکي پوءِ هيراءِ انهن کي پاڻ ڏانهن وري ڪر هر هڪ جبل تي

(الله) چيو ته چار پکي وٺ پوءِ کين پاڻ وٽ ٽڪرا ٽڪرا ڪر پوءِ منجهائن ڪو ڀاڱو هر هڪ جبل تي رک،

مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ يَاْتِيْنَكَ سَعْيًا ؕ وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ

انهن مان هڪڙو حصو پوءِ سڏ ڪر انهن کي ته ايندا تو ڏانهن ڊوڙندي، ۽ ڄاڻ ته بيشڪ الله زبردست آهي

وري کين سڏ ته تو ڏانهن ڊوڙندا ايندا، ۽ ڄاڻ ته الله غالب حڪمت وارو آهي. جيڪي (ماڻهو)

حَكِيْمٌ ﴿٢٦٠﴾ ؏ مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

حڪيم آهي. مثال انهن جو جيڪي خرچ ڪن ٿا پنهنجا مال الله جي راهه ۾

پنهنجا مال الله جي واٽ ۾ خرچيندا آهن تن جو مثال انهيءَ داڻي جي مثال وانگر آهي

كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ

مثال ان داڻي جي آهي جو جمائي ست سنگ هر هڪ سنگ ۾ هجن سؤ داڻا.

جو ست سنگ جمائي هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻو هجي، ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي

وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦١﴾ اَلَّذِيْنَ

۽ الله ٻيڻو ڪري ٿو جنهن لاءِ گهري، ۽ الله وڌائيندڙ آهي ڄاڻندڙ آهي. جيڪي ماڻهو

(تنهن کي) ٻيڻو ڏيندو آهي. ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي. جيڪي (ماڻهو)

يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا
خرچ ڪن ٿا مال پنهنجا الله جي راهه ۾ وري نه ٿا ڪن ڏيڻ پليان
پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچيندا آهن وري پنهنجي ڏيڻ پليان نڪي ٽورو رکندا آهن

مَنًّا وَّلَآ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ
ڪو ٽورو ۽ نڪي ايذاءُ انهن لاءِ اجورو آهي سندن پالڻهار وٽ، ۽ ناهي ڊپ انهن تي
۽ نڪي ايذائيندا آهن، تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن ثواب آهي ۽ نڪي کين ڪو ڊپ آهي

وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّمَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ
۽ نڪي اهي ڳڻتي ڪندا. جواب نرم ڏيڻ ۽ معاف ڪرڻ بهتر آهي اهڙيءَ خيرات کان
۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا. مٺو ڳالهائڻ ۽ معاف ڪرڻ اُنهيءَ خيرات کان ڀلو آهي

يَّتْبَعُهَآ اَذًى ۗ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
جنهن جي پٺيان هجي ڏکوئڻ، ۽ الله شاهوڪار آهي سهندڙ آهي. اي ايمان وارؤ!
جنهن جي پٺيان ايذاءُ هجي، ۽ الله بي پرواهه بردبار آهي. اي مؤمنو! پنهنجين

لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْاَذٰى ۙ كَالَّذِىْ يُنْفِقُ
نه وڃايو خيراتن پنهنجن کي ٽوري ٽاڪڻ ۽ ايذاءُ ڏيڻ سان انهيءَ وانگر جيڪو خرچ ڪري ٿو
خيراتين کي احسان رکڻ ۽ ايذائڻ سان اُنهيءَ ماڻهو وانگر نه وڃايو جيڪو پنهنجو مال

مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۗ فَمَثَلُهٗ
پنهنجو مال ڏيکاءُ ماڻهن لاءِ ۽ نه ٿو ويساهه ڪري الله تي ۽ ڏينهن پوئين تي، پوءِ ان جو مثال آهي
ماڻهن کي ڏيکاري لاءِ خرچي ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي نه مڃي، پوءِ سندس مثال (اُنهيءَ) لسي

كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ۗ
جهڙو لسو پٿر جنهن تي مٽي هجي پوءِ وسيو ان تي وڏ ڦڙو پوءِ ڪري ڇڏيائين ان کي سخت صاف.
پٿر وانگر آهي جنهن تي ٿوري مٽي (پيل) هجي ۽ مٿس وڏ ڦڙو مينهن وسي پوءِ چٽو ڇڏيس،

لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَىْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ۗ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى
اهي نه ٿا هٿ ڪري سگهن ڪا شيءِ ان مان جو ڪمايائون ۽ الله نه ٿو راهه ڏيکاري
(نه رياءُ وارن) جيڪي ڪمايو تنهن مان ڪنهن ڏيءَ تي (اهي) وس وارا نه ٿيندا، ۽ الله ڪافر ٽوليءَ کي

الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾ وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ
ڪافرن کي. ۽ مثال انهن جو جيڪي خرچ ڪن ٿا مال پنهنجا گهرندي خوشنودي
سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. ۽ جيڪي پنهنجن مالن کي الله جي رضامندي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن دلين ۾

اللّٰهِ وَتَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ

الله جي ۽ يقين ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرفان ان باغ جهڙو آهي جو دڙي تي هجي وسي جنهن تي وڏ ڦڙو

پڪي يقين پيدا ڪرڻ لاءِ خرچيندا آهن تن جو مثال هڪ باغ وانگر آهي جو دڙي تي هجي اُن تي وڏ ڦڙو مينهن وسي

فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا

پوءِ آڻي پنهنجا ميوا ٻيڻا ڪري، پوءِ جي نه پيو ان تي وڏ ڦڙو ته پوءِ سنهي بوند، ۽ الله توهان جي

۽ پنهنجو ڦر ٻيڻو ڪري پر جيڪڏهن مٿس وڏ ڦڙو مينهن نه وسي ته ماڪ بس هجيس ۽

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٦٥﴾ اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ

ڪمن کي ڏسندڙ آهي. ڇا چاهي ٿو توهان مان ڪوئي ته هجي ان کي باغ

جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. اوهان مان ڪو هڪ (دل سان) گهرندو آهي ڇا؟ ته ان کي ڪجين

مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِيْهَا

ڪجين ۽ انگورن جو وهن پيون ان جي هيٺان واهيون انهيءَ لاءِ تنهن ۾ آهن

۽ انگورن جو هڪ باغ هجي جنهن جي هيٺان واهيون وهنديون هجن. اُن لاءِ منجهس سڀ ڪنهن (جنس جا)

مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۙ وَاَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖ فَاَصَابَهَآ

هر قسم جا ميوا ۽ پهتي ان کي ڪراڙپ ۽ ان کي ٻار آهن ڪمزور، پوءِ اچي پيو ان باغ تي

ميوا هجن ۽ ڪيس پوڙهائي اچي وڃي ۽ ان کي ڪمزور اولاد هجي پوءِ اُن (باغ) کي (اهڙو) واچوڙو لڳي جنهن ۾

اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ

واچوڙو جنهن ۾ هجي باهه پوءِ اهو سڙي وڃي، اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله اوهان لاءِ آيتون

باهه هجي تنهن ڪري (سندس باغ) سڙي وڃي! اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ (چٽيون) نشانيون بيان

لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٦٦﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ

ته من توهان سوچ ڪريو. اي ايمان وارؤ! خرچ ڪريو ڪجھ پاڪ شيون

ڪندو آهي ته مَن اوهين سوچيو. اي مؤمنو! جيڪي ڪمايو تنهن مان (۽ پڻ) جيڪي اوهان لاءِ زمين مان

مَا كَسَبْتُمْ وَمِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۠ وَلَا تَيَمَّمُوا

پنهنجي ڪمائي مان ۽ ڪجھ ان مان جيڪي ڪڍيو سون توهان لاءِ زمين مان ۽ نه نيت ڪريو

پيدا ڪيوسون تنهن مان ڪي سٺيون شيون (خدا ڪارڻ) خرچ ڪريو ۽ اُن مان خراب شيءِ خرچ ڪرڻ

الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا

گندي شيءِ جي جوان مان خرچ ڪريو هو ڏانهن پاڻ ناهيو وٺندڙ ان کي سواءِ اکين ٻوڪڻ جي

جي نيت هن هوندي ته ڪريو جو (پاڻ) اُن ۾ پنهنجين اکين ٻوٽڻ کان سواءِ ڪيس وٺڻ وارا نه آهيو.

فِيْهِ ط وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾ اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ
ان ۾. ۽ يقين ڪريو تہ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي. شيطان ڊيڄاري ٿو توهان کي
۽ ڄاڻو تہ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي. (اي مسلمانؤ) شيطان اوهان کي سڃائيءَ جو ڀئو ڏيندو آهي

الْفَقْرَ وَيَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِ ج وَاللّٰهُ يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ
سڃائي کان ۽ حڪم ڪري ٿو گناهہ جو. ۽ الله وعدو ڏئي ٿو توهان کي پنهنجي بخشش
۽ اوهان کي بي حيائيءَ (جي ڪمن) جو حڪم ڪندڙ آهي ۽ الله اوهان کي پنهنجي پاران بخشش ۽ ڀلائي جو

وَفَضْلًا ط وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦٨﴾ يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَآءُ ج
۽ مهربانيءَ جو. ۽ الله ڪشادگي ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. ڏئي ٿو دانائي جنهن کي گهري،
وعدو ڏيندو آهي۔ ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي. جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي دانائي

وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا ط وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ
۽ جنهن کي ڏني وئي دانائي تہ بيشڪ ملي انکي ڀلائي گهڻي، ۽ نہ ٿا سمجهن ان کي مگر
ڏيندو آهي ۽ جنهن کي دانائي ڏني وئي تنهن کي بيشڪ گهڻي چڱائي ڏني وئي۔ ۽ عقل وارن کان سواءِ

اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾ وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ
مغز وارا. ۽ جيڪا ڏيو ٿا ڪائي خيرات يا باسيو ٿا ڪا
ٻيو ڪو نصيحت نہ پرائيندو آهي. ۽ (اي مسلمانؤ!) جيڪي اوهان خيرات ڪريو يا باس باسيو ٿا تنهن کي

نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ط وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٢٧٠﴾ اِنْ
باس تہ بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ان کي، ۽ ناهي ڏوهارين جو ڪوئي مددگار. جيڪڏهن
الله ڄاڻندو آهي ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي. جيڪڏهن خيراتون ظاهر ڪري ڏيندؤ

تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِيَ ج وَاِنْ تُخْفُوْهَا وَتُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ
ظاهر ڪريو ٿا خيراتون تہ اها واهہ ڀلائي آهي ۽ جيڪڏهن ان کي لڪائي ۽ ڏيو ٿا محتاجن کي
تہ اهي (ڪهڙيون نہ) چڱيون آهن! ۽ جيڪڏهن انهن کي لڪائيندؤ ۽ اهي محتاجن کي ڏيندؤ تہ اهو اوهان لاءِ

فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ط وَيُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ط وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ
تہ اهو بهتر آهي توهان لاءِ ۽ لاهيندو توهان کان ڪي گناهہ توهان جا ۽ الله توهان جي عملن جي
(ويتر) ڀلو آهي، ۽ الله اوهان جا ڪي گناهہ اوهان کان ميٽيندو، ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

خَبِيْرٌ ﴿٢٧١﴾ لَيْسَ عَلَيْكَ هُدٰىهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ط
خبر رکندڙ آهي. نہ آهي توتي رستو ولائڻ انهن کي پر الله راهہ تي آڻي ٿو جنهن کي گهري،
(اي پيغمبرا) تو تي انهن (ڪافرن) کي هدايت (يعني دل ۾ اثر پيدا) ڪرڻ لازم نہ آهي پر الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي.

وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَاۗءَ وَجْهِ اللّٰهِ ۭ

۽ جيڪي ڏيو ٿا ڪا خيرات پوءِ پنهنجي لاءِ اٿوَ. ۽ نه ٿا خرچ ڪريو مگر الله جي رضا گهرڻ لاءِ.

۽ جيڪي ڪجهه مال خرچيندا آهيو سو اوهان (جي ڀلي) لاءِ آهي ۽ الله جي رضامندي طلبڻ کان سواءِ (اوهين)

وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٢﴾

۽ جيڪي ڏيو ٿا ڪا خيرات پوري ڏني ويندي توهان کي ۽ توهان کي نه نقصان ڏنو ويندو.

خرچ نه ڪريو، ۽ جيڪي ڪجهه مال خرچيو (اُن جو ثواب) اوهان کي پورو ڏبو ۽ اوهان تي ظلم نه ڪبو.

لِلْفُقَرَاۗءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

آهي غريبن لاءِ جيڪي بند ٿيل آهن الله جي راهه ۾ نه ٿا هلي سگهن

اهڙن فقيرن کي (خيرات ڏيڻ لازم آهي) جيڪي الله جي وات ۾ روڪيل آهن، (واپار لاءِ) مُلڪ ۾

ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ۡ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ اَغْنِيَاۗءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ

سفر لاءِ ملڪ ۾ ڀانئي ٿو انهن کي بي خبر آسودو سوال کان پرهيز سبب،

سفر ڪري نه سگهندا آهن ناواقف (سندن) بي طمعيءَ سببان ڪين مالدار ڀائيندا آهن،

تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْـَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا

تون سڃاڻندين انهن کي سندن نموني مان نه ٿا سوال ڪن ماڻهن کان چنبڙي ڪري، ۽ جيڪي ڏيو ٿا

سندين پيشانين مان ڪين سڃاڻندو آهين، چنبڙي ماڻهن کان نه پڇندا آهن، ۽ جيڪي ڪجهه

مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢٧٣﴾ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ

ڪا خيرات پوءِ بيشڪ الله انکي ڄاڻندڙ آهي. جيڪي خرچ ٿا ڪن پنهنجا مال

مال خرچيندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي. جيڪي پنهنجا مال رات جو ۽ ڏينهن جو

بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ

رات جو ۽ ڏينهن جو لڪائي ۽ پڌرو ڪري پوءِ انهن لاءِ اجورو آهي سندن پالڻهار وٽ.

گجهو ۽ پڌرو خرچيندا آهن تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي.

وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾ اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا

۽ نه آهي ڪو ڊپ تن تي ۽ نڪي اهي ڏڪارا ٿيندا. جيڪي کائن ٿا وياج

۽ نڪي کين ڪو ڊپ آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا. جيڪي وياج کائيندا آهن سي (قبرن مان)

لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ

نه اٿندا آهن مگر جئن اٿي ٿو اهو جنهن کي موڳو ڪندو آهي شيطان

رڳو اُنهيءَ (ماڻهو) جي اٿڻ وانگر اٿندا جنهن کي جن اثر سببان چريو ڪيو هجي، اهو هن ڪري آهي

ربع ٣٣

وقف منزل

وقف لازم

مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ
اثر کان، اهو هن کري جو چيائون ته واپار آهي جهڙو وياج، هوڏانهن حلال ڪيو
جو اهي (وياج خور) چون ٿا ته واپار وياج جهڙوئي آهي، حالانڪ الله واپار کي حلال ڪيو آهي

اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ
الله واپار کي ۽ حرام ڪيائين وياج کي، پوءِ جنهن وٽ آئي نصيحت سندس پالڻهارکان
۽ وياج کي حرام ڪيو آهي، پوءِ جنهن کي پنهنجي پالڻهار وٽان نصيحت آئي ۽ (وياج) ڇڏيائين تنهن لاءِ

فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَاَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ
پوءِ بس ڪري ويو پوءِ ان لاءِ آهي جو گذريو، ۽ ان جو ڪم آهي الله جي حوالي، ۽ جيڪي ڦريا ته اُهي
جيڪي اڳي ڪيائين سو (هيئنر معاف) آهي، ۽ (آخرت ۾) سندن مامرو الله ڏانهن (سونپيل) آهي، ۽ جن وري

اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧٥﴾ يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِى
دوزخي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ناس ڪري ٿو الله وياج کي ۽ وڌائي ٿو
(وياج کاڌو) سي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. الله وياج (جو ڪٽيو) ناس ڪري ڇڏيندو آهي

الصَّدَقٰتِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
خيراتن کي، ۽ الله نه ٿو پسند ڪري هر بي شڪر ڏوهاريءَ کي. يقينن جن ايمان آندو
۽ خيراتن کي وڌائيندو آهي، ۽ الله ڪنهن بہ بي شڪر گنهگار کي دوست نہ رکندو آهي. جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ
۽ ڪم ڪيا چڱا ۽ پڙهيائون نماز ۽ ڏنائون زڪوات انهن لاءِ
۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ نماز پڙهيائون ۽ زڪوات ڏنائون تن لاءِ سندن

اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾
اجورو آهي سندن پالڻهار وٽ، ۽ ناهي ڊپ تن کي ۽ نہ کي اُهي ڏکارا ٿيندا.
پالڻهار وٽ سندن اجر آهي، ۽ نڪي کين ڪو ڀئو آهي ۽ نڪي اُهي غمگين ٿيندا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِىَ مِنَ الرِّبٰوٓا اِنْ
اي ايمان وارو لحاظ ڪريو الله جو ۽ ڇڏيو جيڪي رهجي ويو ڪجهه وياج جيڪڏهن
اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن اوهين (الله ۽ رسول کي) مڃيندڙ آهيو تہ

كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ
آهيو ايمان وارا. پوءِ جيڪڏهن ائين نہ ڪيو تہ خبردار ٿيو جنگ کان جا آهي الله
جيڪي وياج مان رهيل آهي سو ڇڏيو. پوءِ جيڪڏهن (ائين) نہ ڪندؤ تہ الله ۽ سندس رسول جي پاران اوهان

وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ

۽ ان جي رسول سان، ۽ جيڪڏهن توبهه ڪيوَ تہ پوءِ توهان لاءِ آهي موڙي توهانجي مالن جي، نہ ظلم ڪندؤ توهان

ڪي جنگ جو اعلان هجي، ۽ جيڪڏهن توبهه ڪيوَ تہ اوهان لاءِ اوهان جي مالن جي موڙي آهي، نڪي وڌيڪ وٺو

وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٩﴾ وَاِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ؕ

۽ نہ ظلم ٿيندو توهان تي. ۽ جيڪڏهن اهو آهي سڃو تہ ڍر ڏيڻي آهي آسودگيءَ تائين،

۽ نڪي اوهان ڪي گهٽ ڏبو. ۽ جيڪڏهن (قرضي) سڃو هجي تہ سگهہ تائين مهلت ڏيڻ لازم آهي، ۽ جيڪڏهن

وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨٠﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا

۽ بخشڻ توهان جو ڀلو آهي توهان لاءِ جيڪڏهن سمجهہ رکو ٿا: ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان

اوهين ڄاڻندا آهيو تہ، اوهان جو (قرض) بخشڻ اوهان لاءِ بهتر آهي. ۽ اُنهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾

تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ

جو موٽايا ويندؤ ان ۾ الله ڏانهن، پوءِ پورو ڏنو ويندو هرهڪ کي جيڪي ڪمايائين

الله ڏانهن موٽايا ويندَ پوءِ سڀ ڪنهن ماڻهو کي، جيڪي ڪمايائين تنهن جو پورو بدلو ڏبو ۽

وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٨١﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ ٣٨ ع ٦

۽ اهي نہ نقصان ڏنا ويندا. اي ايمان وارو! جيڪڏهن ڏيو وٺو پاڻ ۾ قرض

اُنهن تي ظلم نہ ڪبو. اي مؤمنو! جڏهن ڪنهن مقرر مدت تائين قرض جو معاملو ڪريو،

اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكْتُبُوْهُ ؕ وَلْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۠

مُدت مقرر تائين تہ لکو انهيءَ کي، ۽ لکي توهان جي وچ ۾ ڪوئي لکندڙ انصاف سان

تڏهن اُن کي لکو! ۽ اوهان جي وچ ۾ لکندڙ کي انصاف سان لکڻ گهرجي ۽ جيئن ڪيس الله سيکاريو آهي،

وَلَا يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَلْيُمْلِلِ

۽ نہ انڪار ڪري ڪو بہ لکندڙ لکڻ کان جيئن سيکاريو ان کي الله تيئن لکڻ گهرجيس، ۽ لکرائي

تيئن لکندڙ لکڻ کان انڪار نہ ڪري پوءِ لکڻ گهرجيس، ۽ جنهن تي قرض آهي سو (مطلب)

الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَلَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ

اهو جنهن تي آهي قرض ۽ ڊڄڻ گهرجيس الله پنهنجي رب کان ۽ نہ گهٽائي ان مان ڪجهہ بہ.

بيان ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄڻ گهرجيس ۽ منجهانئس ڪجهہ نہ گهٽائي.

فَاِنْ كَانَ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا يَسْتَطِيْعُ

پوءِ جيڪڏهن هجي اهو جنهن تي آهي قرض اڻوڄهہ يا ڪمزور يا نہ ٿو سگهي

پوءِ جنهن تي قرض آهي سو جيڪڏهن اڻوڄهہ يا هيڻو هجي يا بيان ڪري نہ سگهي تہ

اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ؕ وَاسْتَشْهِدُوْا

لکرائڻ اهو پاڻ پوءِ پل لکرائي انجو سنڀاليندڙ انصاف سان، ۽ ڪري ڇڏيو گواهه

سندس سنڀاليندڙ کي انصاف سان بيان ڪرڻ گهرجي، ۽ پنهنجن (مسلمان) مردن مان

شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ

ٻن شاهدن کي پنهنجي مردن مان پوءِ جيڪڏهن نہ هجن ٻہ مرد تہ پوءِ هڪ مرد

ٻہ گواهہ شاهد ڪريو، پوءِ جيڪڏهن ٻہ مرد نہ هجن تہ هڪ مرد ۽ ٻہ زائفون، (اُنهن) شاهدن مان

وَّامْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا

۽ ٻہ مايون جن کي پسند رکو ٿا شاهدن مان متان ڀلجي ٻنهي مان ڪائي

جيڪي اوهان کي وڻن (شاهد ڪريو هن لاءِ) تہ جي اُنهن (ٻنهي) مان هڪڙي وساريندي

فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ؕ وَلَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ

تہ پوءِ ياد ڏياري هڪڙي ٻيءَ کي، ۽ نہ انڪار ڪن شاهد جڏهن ٻہ سڏيا وڃن،

تہ اُنهن مان ٻي کيس ياد ڏياريندي ، ۽ جڏهن شاهد (شاهديءَ لاءِ) سڏيا وڃن تہ انڪار نہ ڪن ،

وَلَا تَسْـَٔمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ

۽ نہ سستي ڪريو انجي لکڻ کان ٿورو هجي يا گهڻو ان جي وعدي تائين، اهو اٿو

۽ اُن جي مدت تائين ٿوري يا گهڻي (قرض) جي لکي ڏيڻ کان نہ ٿڪجو، اهو (لکڻ) الله وٽ انصاف کي

اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَاَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰٓى اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ

وڌيڪ انصاف الله وٽ ۽ وڌيڪ سڌو شاهديءَ لاءِ ۽ تمام سولو آهي جئن شڪ نہ ڪريو پر

تمام ويجهو ۽ شاهديءَ لاءِ بلڪل سڌو آهي ۽ اوهان جي شڪ ۾ نہ پوڻ کي (بہ) ڏاڍو ويجهو آهي، پر

اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ

جي هجي واپار روبرو جنهن کي ڏيو وٺو ٿا پاڻ ۾ پوءِ نہ آهي توهان تي

جيڪڏهن اوهان جو واپار روبرو هجي جو اوهين هٿون هٿ پاڻ ۾ پيا ڪريو تہ ان جي نہ لکڻ ۾

جُنَاحٌ اَلَّا تَكْتُبُوْهَا ؕ وَاَشْهِدُوْٓا اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۪ وَلَا يُضَآرَّ

ڪو ڏوهہ جو نہ لکو ان کي، ۽ شاهد ڪريو جڏهن سودو ڪريو ٿا پاڻ ۾ ۽ نہ نقصان پهچايو وڃي

اوهان تي ڪو گناهہ نہ آهي، ۽ جڏهن ڏيو وٺو تہ شاهد ڪريو ۽ لکندڙ ۽ شاهد کي نہ ڏکوئجي،

كَاتِبٌ وَّلَا شَهِيْدٌ ۬ؕ وَاِنْ تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ بِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا

لکندڙ کي ۽ نہ شاهد کي، ۽ جيڪڏهن ائين ڪندؤ تہ پوءِ اهو گناهہ آهي توهان تي ۽ ڊڄو

۽ جيڪڏهن (ائين ڪم) ڪندؤ تہ اُهو اوهان کي گناهہ آهي ، ۽ الله کان ڊڄو، ۽ الله اوهان کي

اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٢﴾ وَاِنْ كُنْتُمْ

اللہ کان ۽ سيکاري ٿو توهان کي الله ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن هجو توهان

سيکاري ٿو. ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن اوهين مسافريءَ ۾ هجو

عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ اَمِنَ

سفر تي ۽ نه لهو ڪاتب لکندڙ کي ته پوءِ گروي شيءِ قبضي هجي. پوءِ جيڪڏهن ڀروسو ڪري

۽ لکندڙ نه لهو ته (ڪا شيءِ) گروي قبضي ڪرڻ لازم آهي، پوءِ جيڪڏهن اوهان مان هڪڙا ٻين تي اعتبار ڪن

بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ

توهان مان ڪو ڪنهن تي ته پوءِ ادا ڪري اهو جنهن تي ڀروسو ڪيو ويو پنهنجي امانت کي ۽ ڪيس ڊڄڻ کپي الله

ته جنهن تي اعتبار رکيو ويو، تنهن کي پنهنجي امانت (يعني قرض) ادا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان

رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗٓ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ

پنهنجي رب کان ۽ نه لڪائجو شاهدي کي ۽ جيڪو لڪائيندو ان کي ته اهو آهي ڏوهاري دل جو

ڊڄڻ گهرجي. ۽ شاهدي نه لڪايو ۽ جيڪو ان کي لڪائيندو ته بيشڪ سندس دل ڏوهاري آهي.

وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ ع لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا ع ٣٩

۽ الله توهان جي ڪئي کي خوب ڄاڻندڙ آهي. الله جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جو

۽ جيڪي اوهان ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جي ئي (ملڪيت) آهي.

فِى الْاَرْضِ ؕ وَاِنْ تُبْدُوْا مَا فِىْٓ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ

زمين ۾ آهي. ۽ جيڪڏهن ظاهر ڪندؤ جيڪي دلين ۾ اٿوَ يا لڪائيندؤ ان کي حساب ڪندو توهان سان انهيءَ جو

۽ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو جيڪڏهن پڌرو ڪريو توڻي اهو لڪايو (ته به) الله اوهان سان ان جو حساب ڪندو.

اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ

الله، پوءِ بخشيندو جنهن کي گهري ۽ عذاب ڪندو جنهن کي گهري، ۽ الله

پوءِ جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو، ۽ جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي عذاب ڪندو. الله سڀ ڪنهن شيءِ تي

عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٨٤﴾ اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ

هر شيءِ تي قادر آهي. ايمان آندو رسول انهيءَ تي جو لاٿو ويو ان تي سندس رب جي طرفان

وسوارو آهي. پيغمبر (محمد ﷺ) ڏانهن جيڪي سندس پالڻهار کان لاٿو ويو سو ان مڃيو آهي

وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۫ قف

۽ مومن پڻ، سڀني ايمان آندو الله تي ۽ انجي ملائڪن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ انجي رسولن تي.

۽ مومنن (به)، سڀ ڪنهن الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي مڃيو آهي، (چون ٿا ته) سندس

لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ قف وَقَالُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ز

نہ ٿا فرق ڪريون ڪنھن بہ ھڪڙي ۾ سندس رسولن مان، ۽ چيائون ٻڌوسون ۽ مڃيوسون

پيغمبرن مان ڪنھن ھڪ (جي ميڙ) ۾ فرق نہ ڪندا آھيون، ۽ چيائون تہ ٻڌوسون ۽ (سندس حڪم) مڃيوسون،

غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا

تنھنجي بخشش (گھرجي) اي اسان جا رب ۽ توڏانھن ئي موٽڻو آھي. نہ ٿو تڪليف ڏئي الله ڪنھن نفس کي مگر

اي اسان جا پالڻھار! تنھنجي بخشش گھرون ٿا ۽ توڏانھن موٽڻو آھي. الله ڪنھن کي سندس وس ڌاران تڪليف نہ ڏيندو آھي،

وُسْعَهَا ط لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ط رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ

سندس وس آھر، ان لاءِ آھي جيڪي ڪمايائين ۽ انجي مٿان آھي جيڪي ڪيائين، اي اسان جا رب نہ وٺ ڪر اسان کي

جيڪي (چڱو) ڪمايائين سو سندس (فائدي) لاءِ آھي ۽ جيڪي (بڇڙو) ڪمايائين سو مٿس آھي. اي اسان جا پالڻھار!

اِنْ نَّسِيْنَآ اَوْ اَخْطَاْنَا ج رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ اِصْرًا كَمَا

جيڪڏھن ڪاويسر ڪريون يا ڇڪ ڪريون، اي اسان جا رب نہ رک اسان تي اھڙو بار جھڙو

جيڪڏھن وساريون يا ڇڪ ڪريون تہ اسان کي نہ پڪڙ! اي اسان جا پالڻھار! اسان تي اھڙو بار نہ رک جھڙو

حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ج رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ

رکيو تو انھن تي جيڪي اسان کان اڳ ھئا، اي اسان جا رب نہ کڻاءِ اسان کي اھڙو بار جو نہ آھي طاقت

اسان کان اڳين تي رکيو ھيئي. ۽، اي اسان جا پالڻھار! جنھن (بار) جي کڻڻ جي اسان کي سگھہ ڪانھي سو اسان تي

لَنَا بِهٖ ج وَاعْفُ عَنَّا وقفة وَاغْفِرْ لَنَا وقفة وَارْحَمْنَا وقفة اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا

اسان کي انجي، ۽ معاف ڪر اسان کي ۽ بخش اسان کي. ۽ ٻاجھہ ڪر اسان تي تون اسان جو سائين آھين پوءِ مدد ڪر

نہ رک. ۽ اسان کي معاف ڪر! ۽ اسان کي بخش ۽ اسان تي مھر ڪر! تون اسان جو سائين آھين تنھن ڪري

عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾ ع

اسان جي ڪافر قوم تي.

اسان کي ڪافر ٽوليءَ تي سوڀ ڏي.

سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰنَ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — ٢٠٠ ٢٠

شروع الله ٻاجھاري مھربان جي نالي سان.

الله ٻاجھاري مھربان جي نالي سان (شروع)

الٓمّٓ ﴿١﴾ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لا الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ﴿٢﴾ ط نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ

الم. الله ناھي ڪوئي عبادت جي لائق الھ ۽ ان کان سواءِ اھو جيئرو سگھارو آھي. لاٿائين توتي ڪتاب

الم. الله (اھو آھي جو) ان کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نہ آھي (جو سدائين) جيئرو (جڳ جي) بيھڪ ڏيڻ وارو آھي. توتي (اھو) ڪتاب

بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَاَنْزَلَ التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ﴿٣﴾

حق سان ثابت ڪندڙ اڳين ڪتابن کي ۽ لاٿائين تورات ۽ انجيل.

سچ سان لاٿائين (جو) جيڪي (ڪتاب) کانئس اڳي آهن تن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ توريت ۽ انجيل کي لاٿائين.

مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَاَنْزَلَ الْفُرْقَانَ ۬ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ

ان کان اڳ ۾ هدايت ڪندڙ ماڻهن لاءِ ۽ نازل ڪيائين فرقان کي، يقينن جن

اڳي ئي ماڻهن جي هدايت لاءِ، ۽ (سچ ۽ ڪوڙ کي) سڌو وجهندڙ لاٿائين. بيشڪ جن الله جي

كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ

نه مڃيون آيتون الله جون انهن لاءِ عذاب سخت آهي، ۽ الله زبردست آهي

آيتن جو انڪار ڪيو تن لاءِ سخت عذاب آهي، ۽ الله غالب بدلي وٺڻ وارو آهي.

ذُو انْتِقَامٍ ﴿٤﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخْفٰى عَلَيْهِ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا

بدلو وٺندڙ آهي. بيشڪ الله نه ٿي ڳجهي رهي انهيءَ تي ڪا شيءِ زمين ۾ ۽ نڪي

الله تي ڪائي شيءِ نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ ڳجهي رهندي آهي.

فِي السَّمَآءِ ﴿٥﴾ هُوَ الَّذِيْ يُصَوِّرُكُمْ فِي الْاَرْحَامِ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ

آسمان ۾. اهو ئي آهي جو شڪل ڏئي ٿو توهان کي پيٽن ۾ جيئن چاهي،

اهو (الله) اهو آهي جيڪو (مائن) جي ڳڀڻ ۾ جيئن گهرندو آهي (تيئن) اوهان جي شڪل ناهيندو آهي.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ

ناهي ڪوئي مالڪ انهيءَ کان سواءِ اهو زبردست داناءُ آهي. اهو ئي آهي جنهن نازل ڪيو توتي قرآن

ان کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نه آهي (اهوئي) غالب حڪمت وارو آهي. اهو (الله) آهي جنهن توتي ڪتاب لاٿو

مِنْهُ اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ

ان جون ڪي آيتون چٽيون آهن اهي ڪتاب جو اصل آهن ۽ ٻيون مونجهاري واريون،

جنهن مان ڪي آيتون محڪم (يعني چٽي معنيٰ واريون) آهن اهي ڪتاب جو اصل آهن ۽ ٻيون متشابه (يعني ڳهٽڻ معنائن واريون)

فَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ

پوءِ اهي جن جي دلين ۾ ڪوٽ آهي پوءِ ڪيڏ لڳن ٿا ان کي جا مُنجهائي ٿي ان مان

آهن. پوءِ جن جي دلين ۾ ڏنگائي آهي سي منجهائيندڙ جيڪي متشابه آهن تن جي پٺيان فتني پکيڙڻ

ابْتِغَآءَ الْفِتْنَةِ وَابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ ۚ وَمَا يَعْلَمُ تَاْوِيْلَهٗٓ

فتني وجهڻ لاءِ ۽ طلب ڪرڻ لاءِ انجي مطلب کي، حالانڪ نه ٿو ڄاڻي ڪوئي ان جو ارث

۽ سندن (مطلبي) مراد ڳولڻ لاءِ لڳندا آهن، ۽ الله کان سواءِ ان جي مراد ڪوئي نه ڄاڻندو آهي.

اِلَّا اللّٰهُ ؔ وَالرّٰسِخُوْنَ فِی الْعِلْمِ یَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ

الله کان سواءِ ۽ مضبوط علم وارا چون ٿا مڃيون ٿا اسان ان کي سمورو اسان جي

۽ (جيڪي) علم ۾ پختا (آهن سي) چوندا آهن ته انهن کي مڃيوسون اهي مڙئي اسان جي پالڻهار وٽان آهن،

رَبِّنَا ۚ وَمَا یَذَّكَّرُ اِلَّاۤ اُولُوا الْاَلْبَابِ ⑦ رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ

رب طرفان آهي، ۽ نه ٿا سمجهن مگر عقل وارا. اي رب اسان جا نه موڙ دليون اسان جون هن کان پوءِ

۽ عقل وارن کان سواءِ (ٻيو) نصيحت نه وٺندو آهي. اي اسان جا پالڻهارا جڏهن تو اسان کي هدايت ڪئي،

اِذْ هَدَیْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ⑧

جو هدايت ڪئي تو اسان کي ۽ ڏي اسان کي پنهنجي طرفان رحمت، بيشڪ تون ئي ڏيندڙ آهين.

تنهن کان پوءِ اسان جي دلين کي ڏنگائي نه ڏي ۽ پاڻ وٽان اسان کي ٻاجهه عطا ڪر! ڇو ته تون ئي بخشڻهار آهين.

رَبَّنَاۤ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِیَوْمٍ لَّا رَیْبَ فِیْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُخْلِفُ

اي رب اسان جا بيشڪ تون ئي گڏ ڪندڙ آهين ماڻهن کي ان ڏينهن ناهي ڪو شڪ جنهن ۾، بيشڪ الله نه تو ڦيرائي

اي اسان جا پالڻهارا تون اُن ڏينهن ۾ ماڻهن کي گڏ ڪندڙ آهين، جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي، بيشڪ الله

الْمِیْعَادَ ⑨ ع اِنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِیَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَ

وعدو. بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو هرگز نه فائدو ڏيندو انهن کي سندن مال ۽

(پنهنجي) انجام کي نه ڦيرائيندو آهي. بيشڪ جن ڪفر ڪيو تن کان ڪڏهن به سندن مال

لَاۤ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَیْـًٔا ؕ وَاُولٰٓىِٕكَ هُمْ وَقُوْدُ النَّارِ ⑩ ۙ

نه سندن اولاد الله وٽ ڪجهه به، ۽ اهي ئي آهن ٻارڻ باهه جو.

۽ سندن اولاد الله (جي عذاب) مان ڪجهه نه ٽاريندو، ۽ اِهي دوزخ جو ٻل آهن.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا ۚ

جهڙو حال ٿيو فرعون وارن جو ۽ انهن کان اڳين جو، ڪوڙو ڪيائون اسان جي آيتن کي

(انهن جو حال) فرعونين جي ۽ انهن جي حال جهڙو آهي جي کانئن اڳ هئا (انهن) اسان جي آيتن کي

فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ شَدِیْدُ الْعِقَابِ ⑪ قُلْ

پوءِ پڪڙيو انهن کي الله سندن گناهن تي، ۽ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي. چئو

ڪوڙ ڀانيو پوءِ الله سندن گناهن سببان کين پڪڙيو، ۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي. (اي پيغمبر!)

لِّلَّذِیْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰی جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ

انهن کي جن ڪفر ڪيو اجهو هيٺا ٿيندؤ ۽ هڪليا ويندؤ دوزخ ڏانهن، ۽ اهو برو

ڪافرن کي چئو ته سگهو هيٺاهان ٿيندؤ ۽ دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ، ۽ (اهو) بڇڙو هنڌ آهي.

الْمِهَادُ ﴿١٢﴾ قَدْ كَانَ لَكُمْ اٰيَةٌ فِيْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ
ماٺ آهي. ٿي آهي توهان لاءِ علامت ٻن ٽولن ۾ جي ٽڪريا پاڻ ۾ هڪ ٽولو وڙهي پيو
انهن ٻن ٽولن جي (پاڻ ۾) ويڙهه ڪرڻ ۾ اوهان لاءِ بيشڪ نشاني آهي، هڪڙي ٽولي الله جي
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاُخْرٰى كَافِرَةٌ يَّرَوْنَهُمْ مِّثْلَيْهِمْ رَاْيَ الْعَيْنِ ؕ
الله جي راهه ۾ ۽ ٻيا هئا ڪافر جن کي ڏسن پيا پاڻ کان ٻيڻو اکين ڏٺو.
وات ۾ وڙهي ۽ ٻي ڪافرن (جي) هئي (مسلمانن) کين پاڻ کان ٻيڻو اکين جي ڏيٺ سان ڏٺو ٿي،
وَاللّٰهُ يُؤَيِّدُ بِنَصْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً
۽ الله ٻٽ پرائي ڪندو آهي پنهنجي مدد سان جنهن کي گهري، بيشڪ ان ۾ عبرت آهي
۽ الله جنهن کي وڻيس (تنهن کي) پنهنجي مدد سان سگهه ڏيندو آهي. چو ته ان ۾ (سمجهه جي)
لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿١٣﴾ زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِيْنَ
اکين وارن لاءِ. سينگارجي پئي ماڻهن لاءِ محبت مزن وڻڻ جي عورتن ۽ پٽن
اکين وارن لاءِ ضرور عبرت آهي. ماڻهن لاءِ زالن ۽ پٽن ۽ سون ۽ چانديءَ جي (وڏن وڏن)
وَالْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ
۽ گهڻي مال گڏ ٿيل مان سون ۽ چاندي ۽ گهوڙن پلن
سٿيلن ڍيرن ۽ نشان ڪيلن گهوڙن ۽ ڍورن ۽ پوک جي خواهشن جي
وَالْاَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ؕ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ
۽ چوپاين جانورن ۽ پوکن مان، اهو سامان دنيا جي حياتي جو آهي، ۽ الله وٽ ٿي
محبت سينگاري وئي آهي، اهو دنيا جي حياتيءَ جو سامان آهي، ۽ الله وٽ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي!.
حُسْنُ الْمَاٰبِ ﴿١٤﴾ قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا
سٺو موٽڻ آهي. چؤ ڇا آءٌ ٻڌايان توهان کي بهتر انهيءَ کان؟ پرهيزگارن لاءِ
(اي پيغمبر! کين) چئو ته ان کان ڀليءَ (شيءِ) جي خبر ڏيان؟ جن (شرڪ کان) پاڻ بچايوتن لاءِ سندن
عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَ
سندن پالڻهار وٽ باغ آهن وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون سدائين هوندا ان ۾ ۽
پالڻهار وٽ بهشت آهن، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، منجهن سدائين رهڻ وارا آهن.
اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَّرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿١٥﴾ ۚ
زالون پاڪ ۽ راضپو الله جو، ۽ الله نظر ڪندڙ آهي ٻانهن تي.
۽ پاڪ زالون ۽ (پڻ) الله جي پاران راضپو آهي، ۽ الله ٻانهن کي ڏسندڙ آهي.

الَّذِينَ يَقُولُونَ رَبَّنَآ إِنَّنَآ ءَامَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوبَنَا وَقِنَا عَذَابَ

جيڪي چَوَن ٿا اي رب اسان جا اسان ايمان آندو سون پوءِ بخش اسان کي گناهہ اسان جا ۽ بچاءِ اسان کي عذاب

جيڪي چوندا آهن تہ اي اسان جا پالڻهارا اسان توکي مڃيو آهي، تنهن ڪري اسان جا ڏوهہ اسان کي بخش ۽

النَّارِ ﴿١٦﴾ الصَّـٰبِرِينَ وَالصَّـٰدِقِينَ وَالْقَـٰنِتِينَ وَالْمُنفِقِينَ وَ

باهہ جي کان. اهي سهپ وارا ۽ سچا ۽ عبادت ڪندڙ ۽ خيرات ڪندڙ آهن ۽

باهہ جي عذاب کان اسان کي بچاءِ. آهي، صابر ۽ سچا ۽ تابعداري ڪندڙ ۽ سخي ۽ اسر مهل جو

الْمُسْتَغْفِرِينَ بِالْأَسْحَارِ ﴿١٧﴾ شَهِدَ اللَّهُ أَنَّهُۥ لَآ إِلَـٰهَ إِلَّا هُوَ

گناهہ بخشائيندڙ اَسُر ويل. شاهدي ڏني الله هي تہ ناهي ڪو عبادت جي لائق سواءِ ان جي

بخشش گهرندڙ آهن. الله (هيءَ) گواهي ڏني آهي تہ الله کان سواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نہ آهي

وَالْمَلَـٰٓئِكَةُ وَأُولُوا۟ الْعِلْمِ قَآئِمًۢا بِالْقِسْطِ ۚ لَآ إِلَـٰهَ إِلَّا هُوَ الْعَزِيزُ

۽ پڻ ملائڪن ۽ علم وارن اهو انصاف وارو آهي، ناهي ڪوئي عبادت جي لائق مگر اهو زبردست

۽ ملائڪ ۽ علم وارا (بہ) انصاف تي قائم رهندي (اها شاهدي ڏيندا آهن) . اُن کان سواءِ ڪوئي عبادت جو

الْحَكِيمُ ﴿١٨﴾ إِنَّ الدِّينَ عِندَ اللَّهِ الْإِسْلَـٰمُ ۗ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِينَ

حڪمت وارو. بيشڪ دين الله وٽ اسلام ئي آهي، ۽ نہ اختلاف ڪيو انهن

لائق نہ آهي، اهو غالب حڪمت وارو آهي. بيشڪ (وڻندڙ) دين الله وٽ اسلام آهي، ۽ جن کي ڪتاب (توريت ۽

أُوتُوا۟ الْكِتَـٰبَ إِلَّا مِنۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۗ

جن کي مليو ڪتاب مگر ان کان پوءِ جو آيو انهن وٽ علم ضد ڪندي پاڻ ۾.

انجيل) ڏنو ويو تن (اڳ) تڪرار نہ ڪيو پر وٽن علم آيو تنهن کان پوءِ پاڻ ۾ ضد سببان (تڪرار ڪيائون).

وَمَن يَكْفُرْ بِـَٔايَـٰتِ اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿١٩﴾ فَإِنْ

۽ جيڪو انڪار ڪندو الله جي آيتن جو تہ بيشڪ الله جلد حساب ڪندڙ آهي. پوءِ جيڪڏهن

۽ جيڪو الله جي حڪمن کي نہ مڃيندو تہ بيشڪ الله (بہ) سگهو حساب وٺندڙ آهي، پوءِ جيڪڏهن

حَآجُّوكَ فَقُلْ أَسْلَمْتُ وَجْهِىَ لِلَّهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ۗ وَقُل

جهيڙو ڪن توسان، تون چؤ مون جهڪايو منهن پنهنجو الله لاءِ ۽ جيڪو بہ تابع ٿيو منهنجو، ۽ چؤ

توسان جهيڙين تہ چؤ تہ مون ۽ جنهن منهنجي تابعداري ڪئي تنهن پنهنجو منهن (يعني سِرُ) الله لاءِ نوايو آهي، ۽ (اي پيغمبرا)

لِّلَّذِينَ أُوتُوا۟ الْكِتَـٰبَ وَالْأُمِّيِّـۧنَ ءَأَسْلَمْتُمْ ۚ فَإِنْ أَسْلَمُوا۟ فَقَدِ

انهن اهل ڪتاب کي ۽ اڻ پڙهيلن کي ڇا توهان اسلام آندو آهي؟ پوءِ جي اسلام آندائون تہ

جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو تن کي ۽ اڻ پڙهيلن کي چئو تہ اسلام آندو اٿوَ؟ (يا نہ). پوءِ جيڪڏهن اسلام آڻن تہ بيشڪ

النصف

اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ ۗ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠﴾ ع

هدايت وارا ٿيا ۽ جيڪڏهن ملڇڻ موڙيائون تہ رڳو توتي آهي پيغام پهچائڻ، ۽ الله ڏسندڙ آهي ٻانهن کي.

سڌيءَ واٽ وارا ٿيا. ۽ جيڪڏهن ڦري وڃن تہ توتي رڳو پيغام پهچائڻ آهي، ۽ الله ٻانهن کي ڏسندڙ آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ

بيشڪ جيڪي ڪفر ڪن ٿا الله جي آيتن جو ۽ قتل ڪن ٿا نبين کي ناحق

بيشڪ جيڪي الله جي آيتن کي نٿا مڃين ۽ پيغمبرن کي ناحق ٿا ڪُهن ۽ ماڻهن مان

وَّيَقْتُلُوْنَ الَّذِيْنَ يَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ

۽ قتل ڪن ٿا انهن کي جيڪي امر ڪن ٿا انصاف جو ڪي ماڻهو پوءِ خبر ڏي انهن کي

جيڪي (ڪين) انصاف جو حڪم ڪن ٿا تن کي ٿا ڪُهن پوءِ ڪين ڏکوئيندڙ عذاب جي

بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢١﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا

عذاب دردناڪ جي. اِهي اُهي آهن جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا دنيا

سَڌ ڏي. اِهي (اُهي) آهن جن جي ڪمائي دنيا آخرت ۾ ناس ٿي ويئي

وَالْاٰخِرَةِ ۫ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٢﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا

۽ آخرت ۾ ۽ نہ آهي انهن لاءِ ڪوئي مددگار. ڇا نہ ڏٺو تو انهن ڏانهن جنکي مليو

۽ انهن جو ڪو مددگار ڪونهي. (اي پيغمبرا) جن کي ڪتاب مان ڪو ڀاڱو ڏنو ويو تن کي

نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُدْعَوْنَ اِلٰى كِتٰبِ اللّٰهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ

ڀاڱو ڪتاب جو سڏجي ٿو انهن کي الله جي ڪتاب ڏانهن تہ فيصلو ڪري انهن ۾ پوءِ

نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ (جي) الله جي ڪتاب ڏانهن (هن لاءِ) سڏيا وڃن ٿا تہ سندن وچ ۾ فيصلو ڪري پوءِ

يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ وَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَنْ

ڦري وڃي ٿو هڪ ٽولو انهن مان ۽ اهي ملڇڻ موڙيندڙ آهن. اهو اُن ڪري جو چيائون تہ هرگز نہ

منجهانئن هڪ ٽولي ڦري ويندي آهي ۽ اُهي منهن موڙيندڙ (بہ) آهن. اهو هن ڪري آهي جو اُهي چون ٿا تہ ٻاهر

تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۠ وَغَرَّهُمْ فِيْ دِيْنِهِمْ مَّا كَانُوْا

پهچندي اسان کي باهہ مگر ڪي ڏينهن ڳاڻاوان ۽ ٺڳيو انهن کي سندن دين ۾ انهيءَ

ڪن ڳاڻيٽن ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نہ ڇهندي ۽ جيڪو ٺاهہ ٺاهيندا رهيا تنهن کين سندن دين ۾

يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ فَكَيْفَ اِذَا جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۣ وَوُفِّيَتْ

ٺاهہ ٺاهڻ. پوءِ ڪيئن ڪندا جڏهن گڏ ڪنداسون کين اُن ڏينهن جو ناهي شڪ انهيءَ ۾، ۽ پورو ملندو

ٺڳيو آهي. پوءِ ڪهڙو (حال ٿيندن)؟ جڏهن کين اُن ڏينهن جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تنهن ۾ گڏ ڪنداسين ۽ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ

كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ۝٢٥ قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ

هر نفس کي جيڪي ڪمايائين ۽ اهي ظلم نه ڪيا ويندا. چؤ اي الله مالڪ

جيڪي ڪمايو تنهن جو ڪيس پورو بدلو ڏبو ۽ انهن سان ظلم نه ڪبو. (اي پيغمبرا) چئو ته اي الله! ملڪ جا مالڪا

الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ ۫ وَ

ملڪ جا تون ڏئين ٿو بادشاهي جنهن کي گهرين ۽ کسين ٿو بادشاهي جنهن کان گهرين، ۽

جنهن کي گهرين تنهن کي بادشاهي ڏئين ۽ جنهن کان وڻئي تنهن کان بادشاهي کسين ۽ جنهن کي گهرين

تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ؕ بِيَدِكَ الْخَيْرُ ؕ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

عزت ڏئين ٿو جنهن کي گهرين ۽ خوار ڪرين ٿو جنهن کي گهرين، تنهنجي هٿ ۾ آهي ڀلائي، بيشڪ تون سڀ شيءِ تي

تنهن کي مانوارو ڪرين ۽ جنهن کي وڻئي تنهن کي ذليل ڪرين! تنهنجي هٿ ۾ چڱائي آهي. بيشڪ تون

قَدِيْرٌ ۝٢٦ تُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَتُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ۫

وس وارو آهين. تون داخل ڪرين ٿو رات کي ڏينهن ۾ ۽ داخل ڪرين ٿو ڏينهن کي رات ۾

سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهين. رات کي (گهٽائي) ڏينهن ۾ آڻين ٿو ۽ ڏينهن کي (گهٽائي) رات ۾ آڻين ٿو

وَتُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَتُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ۫ وَتَرْزُقُ

۽ ڪڍين ٿو جيئري کي مئل کان ۽ ڪڍين ٿو مئل کي جيئري مان ۽ روزي رسائين ٿو

۽ مئي مان جيئري کي ڪڍين ٿو ۽ جيئري مان مئي کي ڪڍين ٿو ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي

مَنْ تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ۝٢٧ لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ

جنهن کي چاهين بي شمار. نه وٺن مسلمان ڪافرن کي دوست ڪري

اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهين. (گهرجي ته) مؤمن مؤمنن کان سواءِ ڪافرن کي دوست نه بڻائين.

مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ

مسلمانن کان سواءِ، ۽ جيڪو ڪندو ائين پوءِ ناهي اهو الله کان

۽ جيڪو ائين ڪندو تنهن جو الله (جي دين) سان (ڪو) واسطو نه آهي، هن کان سواءِ ته

فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ؕ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَ

ڪنهن شيءِ تي مگر جو ڪيو توهان انهن کان ڪو بچاءُ، ۽ ڊيڄاري ٿو توهان کي الله پاڻ کان، ۽

انهن (ڪافرن) کان، پاڻ بچائڻ لاءِ بچاءُ ڪريو ۽ الله پاڻ کان اوهان کي ڊيڄاريندو آهي، ۽ الله

اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ۝٢٨ قُلْ اِنْ تُخْفُوْا مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ

الله ڏانهن ئي موٽڻ آهي. چئه جيڪڏهن لڪائيندؤ ڳالهه پنهنجي اندر جي يا اها ظاهر ڪندؤ ته

ڏانهن موٽڻو آهي. (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته، جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو جي لڪائيندو يا اهو پڌرو

يَعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَيَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ

جاڻي ٿو ان کي الله، ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ الله

ڪندؤ تہ (بہ) ان کي الله ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي تنهن کي بہ ڄاڻي ٿو، ۽ الله

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٩﴾ يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ

هر شيء تي قادر آهي. جنهن ڏينهن لهندو هر نفس جا ڪيائين ڪا چڱائي

سڀ ڪنهن شيء تي وس وارو آهي. انهيء ڏينهن سڀ ڪو (ماڻهو) جيڪو چڱو ڪم ڪيائين ۽ جيڪو بڇڙو

مُّحْضَرًا ۚۛ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ سُوْٓءٍ ۚۛ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَبَيْنَهٗٓ اَمَدًا

پنهنجي آڏو ۽ جا ڪيائين ڪا برائي، چاهيندو جيڪر هجي ها سندس ۽ انهيء جي وچ ۾ فاصلو

ڪم ڪيائين تنهن کي آڏو لهندو (بڇڙي ڪم کي ڏسي) گهرندو تہ جيڪر سندس ۽ ان جي وچ ۾ گهڻي ڊيگهہ هجي ها!

بَعِيْدًا ؕ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٣٠﴾ قُلْ

پرانهون، ۽ ڊيڄاري ٿو توهان کي الله پاڻ کان، ۽ الله گهڻو نرمي ڪندڙ آهي ٻانهن تي. چؤ

۽ الله پاڻ کان اوهان کي ڊيڄاريندو آهي، ۽ الله ٻانهن تي گهڻو مهربان آهي. (اي پيغمبر!) چئو تہ

اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ

جيڪڏهن توهان سڪ رکو ٿا الله جي پوء تابعداري ڪريو منهنجي تہ محبت ڪندو توهان سان الله ۽ معاف ڪندو اوهان کي اوهان جا گناهہ

جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله اوهان کي دوست رکندو ۽ اوهان جا گناهہ اوهان کي بخشيندو.

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣١﴾ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ

۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي. چؤ حڪم مڃو الله ۽ رسول جو، پوء جيڪڏهن ڦري ويا تہ

۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. (اي پيغمبر!) چئو تہ الله ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو پوء جيڪڏهن ڦري ويا تہ بيشڪ

اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰٓى اٰدَمَ وَنُوْحًا وَّ

الله نہ ٿو پسند ڪري ڪافرن کي، بيشڪ الله چونڊيو آدم ۽ نوح ۽

الله (بہ) ڪافرن کي دوست نہ رکندو آهي. الله آدم ۽ نوح ۽ ابراهيم جي اولاد ۽ عمران جي اولاد کي

اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَاٰلَ عِمْرٰنَ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٣﴾ ذُرِّيَّةًۢ بَعْضُهَا مِنْۢ بَعْضٍ ؕ

ابراهيم جي اولاد ۽ عمران جي اولاد کي ساري جهانن تي، جو اولاد آهن ڪي انهن مان ڪن جي،

جهانن (وارن) تي سڳورو ڪيو آهي، جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو نسل آهن. ۽ الله ٻڌندڙ

وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ

۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي، جڏهن چيو عورت عمران جي اي رب مون باسيو آهي

ڄاڻندڙ آهي. جڏهن عمران جي زال چيو تہ، اي منهنجا پالڻهارا جيڪي منهنجي پيٽ ۾ آهي

لَكَ مَا فِيْ بَطْنِيْ مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾
توکھ جو منهنجي پيٽ ۾ آهي نجو کري پوءِ قبول کر مون کان، بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين.
سو تو لاءِ آزاد ڪيل نذر ڪيم، تنهن ڪري مون کان قبول ڪر! بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين.

فَلَمَّا وَضَعَتْهَا قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ وَضَعْتُهَآ اُنْثٰى ۭ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ
پوءِ جڏهن ڄڻيائين ان کي چيائين منهنجا رب مون ڄڻي آهي اها ڇوڪري، ۽ الله بهتر ڄاڻندڙ آهي
پوءِ جڏهن ان کي ڄڻيائين تڏهن چيائين ته اي منهنجا پالڻهارا مون ڌيءَ ڄڻي، ۽ جيڪي اُن ڄڻيو

بِمَا وَضَعَتْ ۭ وَلَيْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ۚ وَاِنِّيْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ وَ
جنهن کي ڄڻيائين، ۽ ناهي پُٽ ڌيءَ جهڙو، ۽ مون نالو رکيو ان جو مريم ۽
تنهن کي الله بهتر ڄاڻندڙ آهي، ۽ پٽ ڌيءَ جهڙو نه آهي، ۽ مون سندس نالو مريم رکيو ۽

اِنِّيْٓ اُعِيْذُهَا بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٣٦﴾ فَتَقَبَّلَهَا
آءٌ پناهه وٺان ٿي ان لاءِ تنهنجي ۽ ان جي اولاد لاءِ شيطان تڙيل کان. پوءِ ورتو ان کي
آءٌ ان کي ۽ سندس نسل کي تڙيل شيطان (جي شر) کان تنهنجيءَ پناهه ۾ سونپيان ٿي. پوءِ اُن کي سندس پالڻهار

رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّاَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا ۙ وَّكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ۚ
سندس رب وٺڻ سهڻو ۽ پاليائين ان کي پالڻ سٺو ۽ سنڀاليندڙ ڪيائين ان جو زڪريا.
چڱي قبولڻ سان قبوليو ۽ اُن کي چڱي پالڻ طرح پاليائين، ۽ سندس سنڀاليندڙ زڪريا کي ڪيائين.

كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا ۚ قَالَ
جڏهن به ايندو هو ان وٽ. زڪريا حجري ۾ ته لهندو هو ان وٽ رزق، چيائين
جڏهن به زڪريا مٿس حجري ۾ لنگهندو هو ته وٽس طعام (رکيل) لهندو هو. (هڪ وقت) چيائين ته

يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ۭ قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ
اي مريم ڪٿان آيو تو لاءِ هيءُ، چيائين اهو الله وٽان آهي، بيشڪ الله رزق ڏئي ٿو
اي مريم! هيءُ ڪٿان تو لاءِ (آيو) آهي؟ چيائين ته اهو الله وٽان (آيو) آهي، ڇو ته الله جنهن کي وڻيس

مَنْ يَّشَاۗءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٧﴾ هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ
جنهن کي گهري بي حساب. اتي ئي دعا گهري زڪريا پنهنجي رب کان، چيائين اي رب
(تنهن کي) اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي. اتي زڪريا پنهنجي پالڻهار کي سڏيو، چيائين. اي منهنجا پالڻهارا

هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَاۗءِ ﴿٣٨﴾ فَنَادَتْهُ
ڏي مون کي پنهنجي طرفان ڪا اولاد چڱي، بيشڪ تون ئي دعا ٻڌندڙ آهين. پوءِ سڏيو ان کي
پاڻ وٽان مون کي ڀلو اولاد بخش، ڇو ته تون دعا جو ٻڌندڙ آهين. پوءِ ملائڪن سڏيس

الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ

ملائڪن ۽ اُن بيٺي نماز پڙهي حجري ۾ ته الله خوشخبري ٿو ڏئي توکي

۽ اُن حجري ۾ بيٺي نماز پڙهي ٿي (ملائڪن چيس ته) الله توکي يحيٰ (جي ڄمڻ) جي خوشخبري ڏئي ٿو جو

بِيَحْيٰى مُصَدِّقًا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّنَبِيًّا

يحيٰ جي اهو سچو ڪندڙ هوندو امر الله جي ڪي ۽ سردار ۽ ستي جتي هوندو ۽ نبي

الله جي حڪم (سان پيدا ٿيل عيسيٰ) جو سچو ڪندڙ ۽ سردار ۽ ستو جتو ۽ صالحن مان پيغمبر آهي.

مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٩﴾ قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ

سڳورو هوندو. چيائين اي رب ڪيئن ٿيندو مون کي پار هوڏانهن پهتي آهي مون کي

چيائين ته اي منهنجا پالڻهارا مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو جو بيشڪ مون کي پوڙهائپ اچي رسي آهي

الْكِبَرُ وَامْرَاَتِيْ عَاقِرٌ ۭ قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤٠﴾ قَالَ

ڪراڙپ ۽ منهنجي عورت سنڍ آهي، فرمايائين ائين ئي الله ڪندو آهي جيڪي چاهي. چيائين

۽ منهنجي زال سنڍ آهي. (ملائڪ) چيو ته الله جيڪي گهرندو آهي سو اهڙيءَ طرح ڪندو آهي. چيائين ته

رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ۭ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ

اي رب! ڪر منهنجي لاءِ ڪا نشاني، فرمايائين نشاني اٿيئي ته نه ڳالهائيندين ماڻهن سان ٽي ڏينهن

اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ ڪا نشاني مقرر ڪر! (الله) فرمايو ته تنهنجي نشاني (هيءَ) آهي ته ٽي ڏينهن اشاري کان سواءِ

اِلَّا رَمْزًا ۭ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ كَثِيْرًا وَّسَبِّحْ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿٤١﴾ ع

اشاري ڌاران، ۽ ذڪر ڪر پنهنجي رب جو گهڻو ۽ تسبيح پڙهه شام ۽ صبح جو.

ماڻهن سان ڳالهائي نه سگهندين، ۽ پنهنجي پالڻهار کي گهڻو ياد ڪر ۽ صبح جو ۽ سانجهيءَ جو ساراهه!.

وَاِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىكِ وَطَهَّرَكِ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو ملائڪن اي مريم بيشڪ الله چونڊيو توکي ۽ پاڪ ڪيو توکي

۽ (ياد ڪر) جڏهن ملائڪن چيو ته اي مريم! الله توکي سڳورو ڪيو ۽ توکي پاڪ ڪيائين

وَاصْطَفٰىكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٢﴾ يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ وَ

۽ چونڊيائين توکي عورتن جهان وارين تي، اي مريم! پانهپ ڪر پنهنجي رب جي ۽

۽ توکي جهانن جي زالن تي سڳورو ڪيائين، اي مريم! پنهنجي پالڻهار جي فرمانبرداري ڪر ۽

اسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَاۗءِ الْغَيْبِ

سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪر رڪوع ڪندڙن سان، اهي ڳالهيون ڳجهه جون آهن

سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع ڪر. اِها ڳجهين خبرن مان آهي اُن کي توڏانهن

نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ؕ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ

موڪليون ٿا هي توڏانهن. ۽ ڪون هئين تون انهن وٽ جڏهن وڌائون ٿي پنهنجا قلم ته ڪير انهن مان

وحي ڪيوسون. ۽ (تون) تڏهن وٽن نه هئين جڏهن پنهنجا قلم (پڪن لاءِ نهر ۾) وڌائون ٿي

يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۪ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿۴۴﴾ اِذْ قَالَتِ

سنڀالي مريم کي ۽ ڪون هئين تون انهن وٽ جڏهن جهڳڙو ٿي ڪيائون. (ياد ڪر) جڏهن . چيو

ته انهن مان ڪير مريم کي سنڀاليندو ۽ تڏهن به وٽن نه هئين جڏهن تڪرار ڪندا رهيا. جڏهن ملائڪن

الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖۗ اسْمُهُ الْمَسِيْحُ

ملائڪن اي مريم! بيشڪ الله خوشخبري ڏئي ٿو توکي هڪ امر جي پنهنجي طرفان جنهن جو نالو آهي مسيح

مريم کي چيو ته اي مريم! الله پاڻ وٽان توکي هڪ (خاص) حڪم (سان پيدا ڪيل پٽ) جي خوشخبري ڏئي ٿو

عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿۴۵﴾ لا

عيسي پٽ مريم مهانڊو مڙس دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ۽ الله کي ويجهو هوندو.

سندس نالو مسيح عيسيٰ پٽ مريم جو. دنيا ۽ آخرت ۾ مرتبي وارو ۽ ويجهن ٻانهن مان ٿيندو.

وَيُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا وَّمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۴۶﴾ قَالَتْ رَبِّ

۽ ڳالهائيندو ماڻهن سان پينگهي ۾ ۽ ڪرڙوڙتي ۾ ۽ هوندو ڀلارن مان. چيائين اي رب!

۽ ماڻهن سان ڳالهائيندو پينگهي ۾ (ننڍي هوندي) ۽ جوانيءَ ۾ (به) ۽ صالحن مان هوندو. چيائين اي منهنجا پالڻهار!

اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ وَلَدٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ

ڪيئن ٿيندو مونکي ٻار حالانڪ نه هٿ لاتو آهي مون کي ڪنهن ماڻهوءَ فرمايائين ائين ئي الله

مون کي ڪيئن ٻار ٿيندو! جو مون کي (ڪنهن) ماڻهوءَ هٿ ئي نه لاتو آهي. (ملائڪ) چيو ته الله جيڪي گهرندو آهي

يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۴۷﴾

پيدا ڪندو آهي جيڪي چاهي، جڏهن فيصلو ڪري ٿو ڪنهن ڪم جو ته رڳو چوي ٿو ان کي ٿيءُ ته ٿي پوي ٿو.

سو اهڙيءَ طرح پيدا ڪندو آهي، جڏهن ڪو ڪم ڪندو آهي ته ان لاءِ رڳو چوندو آهي: "ٿيءُ"، ته ٿي پوندو آهي.

وَيُعَلِّمُهُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ﴿۴۸﴾ ج وَرَسُوْلًا

۽ سيکاريندو ان کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ توراة ۽ انجيل. ۽ ڪندو ان کي رسول

۽ کيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽ انجيل سيکاريندو. ۽ (ان کي) بني اسرائيلن ڏانهن پيغمبر

اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ اَنِّيْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙ اَنِّيْٓ

بني اسرائيل ڏانهن. (چوندو) بيشڪ مون آندي توهان لاءِ نشاني توهان جي رب کان. ته آءٌ

ڪري موڪليندو. (عيسيٰ چيو ته) مون اوهان جي پالڻهار وٽان نشاني آندي آهي ته آءٌ

اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ

ٺاهيندس توهان لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جي شکل پوءِ ڦوڪ ڏيندم ان ۾ تہ ٿي پوندو

اوهان لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جي شکل جهڙو (بوتو) ٺاهيندس پوءِ منجهس ڦوڪيندس تہ الله جي حڪم سان

طَيْرًا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰى

اڏندڙ الله جي حڪم سان، ۽ ڇٽائيندس انڌي ۽ ڪوڙهہ واري کي ۽ جياريندس مئلن کي

پکي ٿيندو ۽ (مادرزاد) انڌي ۽ ڪوڙهيءَ کي ڇٽائندس، ۽ الله جي حڪم سان، مُئي کي جياريندس،

بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِيْ بُيُوْتِكُمْ ؕ

حڪمَ الله جي سان، ۽ ٻڌائيندس توهان کي جيڪي کائو ٿا ۽ جيڪي سانڍيو ٿا پنهنجن گهرن ۾،

۽ جيڪي کائيندا آهيو ۽ جيڪي پنهنجن گهرن ۾ سانيندا آهيو سو اوهان کي ڏسيندس،

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ ﴿٤٩﴾ وَمُصَدِّقًا

يقينن انهيءَ ۾ نشاني آهي توهان لاءِ جيڪڏهن آهيو اوهين ايمان وارا. ۽ سچو چوندڙ

جيڪڏهن اوهين مڃيندڙ آهيو تہ اوهان لاءِ اِن ۾ هڪ نشاني آهي. ۽ جيڪو مون کان اڳ توريت (جو ڪتاب) آيل آهي

لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَلِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ حُرِّمَ

پاڻ کان اڳ ۾ آيل تورات کي ۽ جئن حلال ڪريان توهان لاءِ ڪي شيون جيڪي حرام هيون

تنهن جو سچو ڪندڙ آهيان ۽ جيڪي (شيون) اوهان تي حرام ڪيل آهن تن مان ڪي اوهان لاءِ حلال ڪندس

عَلَيْكُمْ وَجِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۫ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٥٠﴾

توهان تي ۽ آندم توهان وٽ نشاني توهان جي رب کان پوءِ ڊڄو الله کان ۽ فرمان برداري ڪريو منهنجي.

۽ اوهان جي پالڻهار وٽان اوهان لاءِ نشاني آندي اٿم، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي تابعداري ڪريو.

اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٥١﴾ فَلَمَّآ

بيشڪ الله منهنجو رب ۽ توهان جو رب آهي پوءِ عبادت ڪريو انهيءَ جي، هيءُ رستو سڌو آهي. پوءِ جڏهن

بيشڪ الله منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو. اِها سڌي واٽ آهي. پوءِ جنهن مهل

اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ

محسوس ڪيو عيسيٰ انهن جو ڪفر چيائين ڪير آهن مدد ڪندڙ منهنجا الله جي راهہ ۾؟ چيو

عيسيٰ کانئن ڪفر (جا ڪم) اکين سان ڏٺا (تنهن مهل) چيائين تہ الله (جي دين) ڏانهن منهنجا مددگار ڪير آهن؟

الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَاشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٥٢﴾

دوستن اسين الله جا ساٿ ڏيندڙ آهيون، ايمان آندو اٿئون الله تي، تون شاهد هُج تہ اسان فرانبردار آهيون.

حوارين چيو تہ اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون، الله کي مڃيوسون، ۽ شاهدي ڏج تہ اسين پڪ مسلمان آهيون.

رَبَّنَآ اٰمَنَّا بِمَآ اَنْزَلْتَ وَاتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٣﴾

اي رب اسان جا اسان مڃيوسون ان کي جو تو نازل ڪيو آهي ۽ تابع ٿياسون رسول جا پوءِ تون لک اسان کي شاهدن سان گڏ.

(چيائون ته) اي اسان جا پالڻهار! جيڪي تو لاٿو سو مڃيوسون ۽ (هن) پيغمبر جي تابعداري ڪئي سون، تنهن ڪري اسان کي شاهدن مان

وَمَكَرُوْا وَمَكَرَ اللّٰهُ ۭ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٥٤﴾ ع اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰٓى اِنِّىْ

۽ سٽ سٽيائون (ڪافرن) ۽ الله به سٽ سٽي، ۽ الله ڀلو سٽيندڙ آهي. جڏهن فرمايو الله اي عيسيٰ بيشڪ آءٌ

لک! ۽ (يهودين) رٿ رٿي ۽ الله به (ڳجهي) رٿ رٿي، ۽ الله بهتر (ڳجهي) رٿ رٿيندڙ آهي. (ياد ڪر!) جڏهن الله چيو ته اي عيسيٰ! آءٌ

مُتَوَفِّيْكَ وَرَافِعُكَ اِلَيَّ وَمُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ

تنهنجو پورائو ڪندڙ ۽ کڻندڙ آهيان توکي پاڻ ڏانهن ۽ توکي پاڪ ڪندڙ آهيان انهن کان جن ڪفر ڪيو ۽

توکي ماريندڙ ۽ توکي پاڻ ڏانهن مٿي کڻندڙ آهيان ۽ جن ڪفر ڪيو تن (جي بهتانن) کان توکي پاڪ ڪندڙ آهيان

جَاعِلُ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۚ

ڪندڙ آهيان انهن کي جن تابعداري ڪئي تنهنجي مٿانهون ڪافرن کان قيامت جي ڏينهن تائين،

۽ جن تنهنجي تابعداري ڪئي تن کي قيامت تائين ڪافرن تي مٿاهون (غالب) ڪندڙ آهيان. وري مون ڏانهن

ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاَحْكُمُ بَيْنَكُمْ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٥٥﴾

پوءِ مون ڏانهن آهي موٽڻ توهان جو پوءِ فيصلو ڪندس توهان ۾ ان جو جنهن ۾ توهان جهڳڙو ڪندا هئا.

اوهان جو موٽڻ آهي، پوءِ اوهان جي وچ ۾ جنهن ڳالهه بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو (تنهن بابت) نبيرو ڪندس.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَاُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا فِى الدُّنْيَا

پوءِ جيڪي ڪافر ٿيا ته عذاب ڪندس انهن کي عذاب ڏاڍو دنيا ۾

پوءِ (انهن مان) جن ڪفر ڪيو تن کي دنيا ۽ آخرت ۾ بلڪل سخت سزا ڏيندس

وَالْاٰخِرَةِ ۡ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

۽ آخرت ۾ ۽ ناهي انهن لاءِ ڪوئي مددگار. ۽ باقي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون

۽ انهن جو ڪو مددگار نه آهي. ۽ (انهن مان) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي

الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٧﴾

چڱا ڪم ته پورو ڪري ڏيندو انهن کي سندن اجورو، ۽ الله نه ٿو پسند ڪري ظالمن کي.

(الله) سندن اجورا پورا ڏيندو، ۽ الله ظالمن کي دوست نه رکندو آهي.

ذٰلِكَ نَتْلُوْهُ عَلَيْكَ مِنَ الْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ﴿٥٨﴾ اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى

اِهي پڙهي ٻڌايون ٿا توکي آيتون ۽ قرآن حڪمت وارو. بيشڪ مثال عيسيٰ جو

اِهو (قصو) جو توتي پڙهون ٿا سو نشانين ۽ حڪمت واري ڪتاب مان آهي. الله وٽ عيسيٰ (جي پيدا ڪرڻ)

عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۵۹﴾
الله وٽ ائين آهي جئين آدم، ڦاهيائين ان کي مٽيءَ مان پوءِ چيائين ان کي ٿيءُ تہ ٿي پيو.
جو مثال آدم جي مثال جهڙو ٿي آهي، اُن (آدم) کي مٽيءَ مان بڻايائين وري اُن لاءِ چيائين "ٿيءُ" تہ: ٿي پيو.

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿۶۰﴾ فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ
اهو حق آهي تنهنجي رب کان پوءِ نہ ٿيءُ تون شڪ ڪندڙن مان. پوءِ جيڪو جهڳڙو ڪري توسان ان ڳالهہ ۾
(اها ڳالهہ) تنهنجي پالڻهار وٽان سچي آهي، تنهن ڪري شڪ ڪندڙن مان نہ هج. پوءِ اُن ڪان بعد جو تو وٽ

مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ
هن ڪان بعد جو آيو تو وٽ علم پوءِ تون چوين اچو تہ سڏيون اسان پنهنجا پٽ ۽ توهان پنهنجا پٽ
علم آيو جيڪو تو سان اُن بابت جهڳڙو ڪري تہ چئو تہ، اچو تہ (اسين) پنهنجن پٽن ۽ اوهان جي پٽن ۽

وَنِسَآءَنَا وَنِسَآءَكُمْ وَاَنْفُسَنَا وَاَنْفُسَكُمْ قف ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ
۽ اسين پنهنجون زالون ۽ اوهين پنهنجون زالون ۽ اسان پنهنجو پاڻ ۽ توهان پنهنجو پاڻ، پوءِ گهرون دعا پوءِ ڪريون
پنهنجين زالن ۽ اوهان جي زالن ۽ پاڻ کي ۽ اوهان کي سڏيون. پوءِ (ڳاجي پاراتي جي) زاريءَ سان

لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ﴿۶۱﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ الْحَقُّ ۚ وَ
لعنت الله جي ڪوڙ هڻندڙن تي. بيشڪ اهو ئي آهي بيان سچو، ۽
دعا گهرون پوءِ الله جي لعنت ڪوڙن تي ڪريون!. اهو قصو ضرور سچو آهي. ۽ الله کان سواءِ

مَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۶۲﴾
ناهي ڪوئي عبادت جهڙو سواءِ الله جي، ۽ بيشڪ الله ئي زبردست آهي داناءُ آهي.
ڪوئي عبادت جو لائق نہ آهي، ۽ الله ئي يقينن غالب حڪمت وارو آهي. پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿۶۳﴾ ع قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا ٦ ع ١٣
پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ يقينن الله ڄاڻندڙ آهي فساد ڪندڙن کي. چؤ اي اهل ڪتاب اچو
بيشڪ الله (بہ) فسادين کي ڄاڻندڙ آهي. (اي پيغمبر) چئو تہ، اي ڪتاب وارؤ! هڪ ڳالهہ ڏانهن اچو جا اسان

اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ
هڪ ڳالهہ ڏي جا هڪ جهڙي آهي اسان ۽ توهان جي وچ ۾ تہ نہ عبادت ڪريون ڪنهن جي سواءِ الله جي ۽ نہ شريڪ ڪريون انهيءَ سان
۽ اوهان جي وچ ۾ هڪ جهڙي آهي (اها هيءَ آهي) تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريون ۽ نڪي ساڻس

شَيْـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا
ڪنهن کي ۽ - نہ بڻائي ڪوئي اسان مان ڪنهن کي مالڪ الله کان سواءِ، پوءِ جيڪڏهن ڦري وڃن
ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪريون ۽ نڪي اسان مان ڪو ڪنهن کي (بہ) الله کان سواءِ پالڻهار ڪري مڃي.

فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ۝٦٤ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوْنَ

پوءِ توهان چئو، شاهد هجو تہ اسان مسلمان آهيون. اي اهل ڪتاب ڇو تا جهيڙو ڪريو

پوءِ جيڪڏهن ڦرن تہ چئو تہ شاهد هجو تہ اسين پڪ مسلمان آهيون. اي ڪتاب وارؤ ابراهيم بابت ڇالاءِ

فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمَآ اُنْزِلَتِ التَّوْرٰىةُ وَالْاِنْجِيْلُ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِهٖ ۭ

ابراهيم ۾ حالانڪ نہ نازل ٿيو هو تورات ۽ انجيل مگر انهيءَ کان پوءِ.

جهيڙو ڪريو ٿا؟ ۽ حالانڪ توريت ۽ انجيل نہ لاٿا ويا پر ڪانئس پوءِ، پوءِ اوهين نہ سمجهندا آهيو ڇا؟

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٦٥ هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَاۗءِ حَاجَجْتُمْ فِيْمَا لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ فَلِمَ

ڇا پوءِ نہ تا سمجهو. اجهو توهان اُهي آهيو جو جهيڙو ڪيو اٿو ان ۾ جنهن جو توهان کي آهي علم پوءِ ڇو

(اي يهوديو!) اوهين اُهي آهيو جو جنهن جو اوهان کي علم آهي تنهن بابت جهيڙو ڪندا آهيو پر

تُحَآجُّوْنَ فِيْمَا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٦٦

تا جهيڙو ڪريو ان ۾ جو ناهي توهان کي ان جي ڪا خبر، ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نہ تا ڄاڻو.

جنهن جو اوهان کي ڪو علم آهي ئي نہ تنهن بابت ڇو جهيڙو ڪندا آهيو؟ ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نہ ڄاڻندا آهيو.

مَا كَانَ اِبْرٰهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّلَا نَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا

نہ هئو ابراهيم يهودي ۽ نڪو نصارو پر هئو هڪ طرفو

ابراهيم نڪي يهودي هو ۽ نڪي نصراني (هو) پر حنيف (هڪ طرفو) مسلمان هو.

مُّسْلِمًا ۭ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝٦٧ اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ

مسلمان، ۽ نہ هئو اهو مشرڪن مان. بيشڪ زوروير ويجها ماڻهن ۾ ابراهيم کي

۽ مشرڪن مان نہ هو. ابراهيم کي ماڻهو اُهي ويجها آهن جن

لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَهٰذَا النَّبِيُّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ وَاللّٰهُ وَلِيُّ

اهي آهن جن پيروي ڪئي انجي ۽ هيءُ نبي ۽ جن ايمان آندو، ۽ الله دوست آهي

سندس تابعداري ڪئي ۽ (پڻ) هيءُ پيغمبر ۽ جن (مٿس) ايمان آندو. ۽ الله مؤمنن جو

الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٦٨ وَدَّتْ طَّاۗىِٕفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ ۭ

مومنن جو. گهريو هڪ ٽولي اهل ڪتاب مان تہ جيڪر گمراهه ڪن توهان کي

سنڀاليندڙ آهي. ڪتابن وارن مان ڪا ٽولي گهرندي آهي تہ جيڪر اوهان کي ڀلائين،

وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۝٦٩ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ

۽ نہ تا گمراهه ڪن مگر پاڻ کي ۽ نہ تا سمجهن. اي اهل ڪتاب

۽ اهي پاڻ کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن کي نہ ڀلائيندا آهن ۽ نہ سمجهندا آهن. اي ڪتاب وارؤ!

لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ

چالاءِ انڪار ٿا ڪريو الله جي آيتن جو ھوڏانھن اوھان شاھد آھيو. اي اھل ڪتاب

الله جي آيتن کي ڇا لاءِ نٿا مڃيو؟ ۽ (حقيقت ڪري) اوھين شاھدي ڏيو ٿا. اي ڪتاب وارؤ!

لِمَ تَلْبِسُوْنَ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَاَنْتُمْ

ڇو ٿا ملايو سچ کي ڪوڙ سان ۽ لڪايو ٿا حق کي حالانڪ توھان

ڇا لاءِ سچ کي ڪوڙ سان ملائيندا آھيو ۽ سچ کي لڪائيندا آھيو؟ ھن ھوندي (بہ) جو اوھين ڄاڻندا آھيو.

تَعْلَمُوْنَ ﴿٧١﴾ ع وَقَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اٰمِنُوْا بِالَّذِيْٓ ع ٨ ١٥

ڄاڻو ٿا. ۽ چيو ھڪ ٽولي اھل ڪتاب جي تہ مڃو ان کي جو

۽ اھل ڪتاب مان ڪا ٽولي (پاڻ ۾) چوي ٿي تہ جيڪي مومنن تي لاٿو ويو آھي تنھن کي

اُنْزِلَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَجْهَ النَّهَارِ وَاكْفُرُوْٓا اٰخِرَهٗ

نازل ڪيو ويو مسلمانن تي اڳياڙي ڏينھن جي ۾ ۽ انڪار ڪريو انجي پوياڙي ۾

(مومنن وٽ) ڏينھن جي اڳياڙيءَ ۾ مڃيو ۽ ان جي پوياڙيءَ ۾ انڪار ڪريو تہ مَن اُھي (شڪ ۾ پئجي دين

لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٧٢﴾ صلے ج وَلَا تُؤْمِنُوْٓا اِلَّا لِمَنْ تَبِعَ دِيْنَكُمْ ط قُلْ

من اھي ڦري وڃن. ۽ نہ مڃيو مگر ان کي جيڪو ھلي توھان جي دين تي، چؤ

کان) ڦري وڃن. ۽ جيڪو اوھان جي دين جي تابعداري ڪري تنھن کان سواءِ (ٻئي) ڪنھن کي نہ مڃيو! (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ

اِنَّ الْهُدٰى هُدَى اللّٰهِ لا اَنْ يُّؤْتٰٓى اَحَدٌ مِّثْلَ مَآ اُوْتِيْتُمْ

بيشڪ ھدايت آھي ھدايت الله جي (چيائون پت نہ ڪجو) تہ ملندو ڪنھن کي اھڙو دين جھڙو مليو اوھان کي

ھدايت الله واري ھدايت آھي (۽ چون ٿا تہ متان مڃيو) تہ جھڙو (دين) اوھان کي ڏنو ويو آھي تھڙو ڪنھن (ٻئي) کي ڏنو ويندو يا

اَوْ يُحَآجُّوْكُمْ عِنْدَ رَبِّكُمْ ط قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ ج يُؤْتِيْهِ

يا اھي جوابدار ڪندا توھان کي توھان جي خداوند، چؤ بيشڪ ڀلائي الله جي ھٿ آھي، ڏئي ٿو اھا

اوھان جي پالڻھار وٽ اوھان تي حجت قائم ڪندا، (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ، ڀلائي الله جي ھٿ ۾ آھي، جنھن کي وڻيس

مَنْ يَّشَآءُ ط وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ لا ج يَّخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ط

جنھن کي گھري، ۽ الله ڪشادگي ڪندڙ ڄاڻندڙ آھي، خاص ڪري ٿو پنھنجي رحمت سان جنھن کي گھري،

تنھن کي اھا ڏيندو آھي، ۽ الله (مھربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آھي. جنھن کي وڻيس تنھن کي پنھنجيءَ

وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ وَمِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مَنْ اِنْ

۽ الله وڏي مھرباني وارو آھي، ۽ اھل ڪتاب مان ڪو اھڙو آھي جو جيڪڏھن

ٻاجھہ سان خاص ڪندو آھي، ۽ الله وڏي فضل وارو آھي، ۽ اھل ڪتاب مان ڪي اھڙا آھن جو جيڪڏھن وٽن

تَأْمَنْهُ بِقِنْطَارٍ يُّؤَدِّهٖٓ اِلَيْكَ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ اِنْ تَاْمَنْهُ بِدِيْنَارٍ

امانت رکندين ان وٽ گھڻو مال تہ واپس ڪندو توڏانھن، ۽ انھن مان ڪو اهڙو آهي جيڪڏھن امانت رکندين ان وٽ هڪ اشرفي

تمام گھڻو مال امانت رکين تہ اهو (سمورو) توکي ورائي ڏيندا. ۽ منجهانئن ڪي اهڙا آهن جو جيڪڏھن وٽن هڪ دينار

لَّا يُؤَدِّهٖٓ اِلَيْكَ اِلَّا مَا دُمْتَ عَلَيْهِ قَآئِمًا ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّھُمْ قَالُوْا

تہ نہ موٽائي ڏيندو اها توکي مگر جيستائين ٿئين ان مٿان پڪو بيھندڙ، اهو هن ڪري جو چيائون

(اشرفي) امانت رکين تہ مٿن سدائين بيهي (مطالبي ڪرڻ) کان سواء توکي ورائي نہ ڏيندا، اهو (نہ ڏيڻ) هن

لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْاُمِّيّٖنَ سَبِيْلٌ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ

ناهي اسان تي اڻ پڙهيلن جي حق ۾ ڪا پڪڙ، ۽ هڻن ٿا الله تي ڪوڙ

سببان آهي جو چون ٿا تہ اڻ پڙهيل (جي مال کسڻ) ۾ اسان کي ڪا پڪڙ پڇاڙ نہ آهي ۽ الله تي اهي ڄاڻ هوندي بہ

وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ بَلٰى مَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ وَاتَّقٰى فَاِنَّ اللّٰهَ

حالانڪ اهي ڄاڻن ٿا. هائو جنهن پاڙيو پنهنجو انجام ۽ ڊنو پوءِ بيشڪ الله

ڪوڙ چوندا آهن. هائو! جنهن پنهنجو انجام پاڙيو ۽ ڊنو تہ بيشڪ الله ڊڄندڙن کي

يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَشْتَرُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَاَيْمَانِهِمْ

دوست رکي ٿو پرهيزگارن کي. بيشڪ جيڪي وٺن ٿا الله جي وعدي تي ۽ پنهنجي قسمن تي

دوست رکندو آهي. جيڪي الله سان ڪيل انجامن ۽ پنهنجن قسمن جي عيوض ٿورو مُلهہ وٺندا آهن،

ثَمَنًا قَلِيْلًا اُولٰۗىِٕكَ لَا خَلَاقَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ

رقم ٿوري اهي ماڻهو، ناهي ڪوئي ڀاڱو انهن لاءِ آخرت ۾ ۽ نہ ڳالهائيندو انهن سان

اهي (اهي) آهن جن کي آخرت ۾ ڪو بهرو نہ آهي ۽ نڪي قيامت جي ڏينهن الله ساڻن ڳالهائيندو

اللّٰهُ وَلَا يَنْظُرُ اِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۠ وَلَهُمْ

الله ۽ نڪي نگاهہ ڪندو انهن ڏانهن قيامت ڏينهن ۽ نڪي پاڪ ڪندو انهن کي ۽ انهن لاءِ

۽ نڪي انهن ڏانهن نهاريندو ۽ نڪي کين (گناهن کان) پاڪ ڪندو ۽ انهن لاءِ

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٧﴾ وَاِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيْقًا يَّلْوٗنَ اَلْسِنَتَهُمْ بِالْكِتٰبِ

عذاب ڏکوئيندڙ آهي. ۽ بيشڪ انهن مان هڪ ٽولو آهي جي مروڙن ٿا پنهنجون زبانون ڪتاب سان

ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ۽ منجهانئن هڪ ٽولي آهي جا ڪتاب (پڙهڻ) ۾ پنهنجين زبانن کي هن لاءِ وڄائيندي

لِتَحْسَبُوْهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَمَا هُوَ مِنَ الْكِتٰبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ

جيئن ڀانيو توهان انهيءَ کي ڪتاب مان حالانڪ نہ آهي اهو ڪتاب مان ۽ چون ٿا اهو

آهي تہ ان کي اوهين ڪتاب مان ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري) اهو ڪتاب مان نہ آهي، ۽ (پڻ) چوندا آهن تہ اهو

مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَمَا هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ

طرفان الله جي آهي حالانڪ ناهي اهو الله جي طرفان، ۽ هٿن ٿا الله تي

الله وٽان آهي ۽ (حقيقت ڪري) اهو الله وٽان نہ آهي، ۽ آهي ڄاڻ هوندي الله تي

الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٨﴾ مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ

ڪوڙ حالانڪ اهي ڄاڻن ٿا. نہ آهي جائز ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ جنهن کي ڏئي الله ڪتاب

ڪوڙ چوندا آهن. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ جڳائيندو آهي جو الله کيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏئي

وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا لِّيْ

۽ دانش ۽ نبوت پوءِ اهو چوي ماڻهن کي تہ ٿيو ٻانها منهنجا

۽ اهو وري ماڻهن کي چوي تہ الله کان سواءِ منهنجا ٻانها ٿيو (اهو ائين ڪڏهن نہ چوندو)

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُوْنَ الْكِتٰبَ

الله کي ڇڏي پرچوندو تہ ٿيو الله وارا هن ڪري جو توهان پڙهائيندا آهيو ڪتاب

پر (چوندو تہ) رب جا (سچا ٻانهان) ٿيو انهيءَ ڪري جو ڪتاب سيکاريو ٿا ۽

وَبِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَلَا يَاْمُرَكُمْ اَنْ تَتَّخِذُوا الْمَلٰٓئِكَةَ

۽ هن ڪري جو توهان پڙهندا آهيو. ۽ نکي حڪم ڪندو توهان کي تہ بڻايو ملائڪن کي

(پڻ) انهيءَ ڪري جو پڙهو ٿا. ۽ ملائڪن ۽ پيغمبرن کي رب ڪري مڃڻ جو اوهان کي حڪم نہ ڪندو.

وَالنَّبِيّٖنَ اَرْبَابًا ؕ اَيَاْمُرُكُمْ بِالْكُفْرِ بَعْدَ اِذْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨٠﴾ ع ٨ ١٦

۽ نبين کي پاليندڙ، ڇا اهو چوندو توهان کي ڪفر لاءِ هن کان پوءِ جو توهان مسلمان ٿيا آهيو.

جڏهن اوهين مسلمان (يعني حڪم مڃڻ لاءِ تيار) ٿيا هجو تہ پوءِ اوهان کي ڇو ڪفر جو حڪم ڪندو؟.

وَاِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّحِكْمَةٍ

۽ ياد ڪر جڏهن ورتو الله انجام نبين کان تہ جڏهن ڏيندس توهان کي ڪتاب ۽ علم

۽ (ياد ڪر) جڏهن الله (سيني) پيغمبرن کان انجام ورتو تہ جيڪي ڪتاب ۽ حڪمت اوهان کي ڏيان

ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ

پوءِ اچي توهان وٽ ڪو رسول تصديق ڪندڙ ان جي جيڪو توهان وٽ آهي تہ ضرور ايمان آڻيندڙ ان تي ۽ ضرور مدد ڪندڙ انهيءَ جي،

تنهن کان پوءِ (بہ) ڪو پيغمبر جيڪو (علم) اوهان وٽ آهي تنهن جو سچو ڪندڙ اوهان وٽ اچي تہ کيس ضرور مڃجو ۽ کيس ضرور

قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ وَاَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ اِصْرِيْ ؕ قَالُوْٓا اَقْرَرْنَا ؕ

فرمايائين ڇا توهان اقرار ڪيو ٿا ۽ ڪڻو ٿا انهيءَ تي منهنجو ٻار، چيائون اقرار ڪيو سون،

مدد ڏجو! (الله) چيو تہ، اوهين اقرار ڪري چڪا؟ ۽ ان تي منهنجي (حڪم جي) ٻار کنيو؟ چيائون تہ، اقرار ڪيو سون،

قَالَ فَاشْهَدُوْا وَاَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨١﴾ فَمَنْ تَوَلّٰى
فرمايائين شاهد هجو ۽ آءٌ توهان سان گڏ شاهدن مان آهيان. پوءِ جيڪي ڦرندا
(الله) چيو ته. اوهين (هڪٻئي تي) شاهد هجو ۽ آءٌ (بہ) اوهان سان گڏ شاهد آهيان. پوءِ جيڪي هن کان

بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٨٢﴾ اَفَغَيْرَ دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ
انهيءَ کان بعد ته اهي ئي بي فرمان آهن. ڇا پوءِ ڪو بيو دين الله جي دين کان سواءِ گهرن ٿا
بعد ڦرندا سي ئي بي دين آهن. الله جي دين کان سواءِ ڇو بيو (دين) طلبيندا آهن؟ ۽ جيڪي

وَلَهٗٓ اَسْلَمَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّاِلَيْهِ
حالانڪ انهيءَ لاءِ جهڪيا آهن جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن خوشيءَ ۽ ناخوشيءَ ۽ انهيءَ ڏانهن
آسمانن ۽ زمين ۾ آهن تن راضي توڙي رنج ٿي، ڪيس (ٿي) مڃيو آهي ۽ ڏانهنس (ٿي) موٽايا ويندا.

يُرْجَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ قُلْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ
موٽايا ويندا. تون چؤ اسان ايمان آندو آهي الله تي ۽ ان تي جو لاٿو ويو اسان تي ۽ جيڪو لاٿو ويو
(اي پيغمبرا) چئو ته. اسان الله کي ۽ جيڪي اسان تي لاٿو ويو آهي، تنهن کي ۽ جيڪي

عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ
ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ ان جي اولاد تي
ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد تي لاٿو ويو ۽ جيڪي موسيٰ

وَمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى وَالنَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۠ لَا نُفَرِّقُ
۽ جيڪي مليو موسيٰ ۽ عيسيٰ ۽ نبين کي سندن پروردگار کان اسان نٿا ڌار ڪريون
۽ عيسيٰ ۽ (ٻين) پيغمبرن کي سندن پالڻهار کان ڏنو ويو تنهن (سڀ) کي مڃيون ٿا. اُنهن (پيغمبرن) مان

بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۫ وَنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ
انهن مان ڪنهن جي وچ ۾ ۽ اسان انهيءَ جا ئي مڃيندڙ آهيون. ۽ جيڪو طلب ڪندو سواءِ
ڪنهن هڪ جي (وچ) ۾ فرق نٿا پائيون، ۽ اسان اُن (الله) کي مڃيندڙ آهيون. ۽ جيڪو اسلام ڌاران بيو دين

الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ
اسلام جي ڪو بہ دين پوءِ هرگز نہ قبول ڪيو ويندو انهيءَ کان، ۽ اهو آخرت ۾ نقصان
طلبيندو تنهن کان اهو ڪڏهن نہ قبول ڪبو ۽ اهو آخرت ۾ گهاٽي وارن مان آهي.

الْخٰسِرِيْنَ ﴿٨٥﴾ كَيْفَ يَهْدِي اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ
وارن مان آهي. ڪيئن هدايت ڪندو الله اهڙي قوم کي جن ڪفر ڪيو ايمان آڻڻ کان پوءِ
الله اُن قوم کي ڪيئن هدايت ڪندو جي پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪافر ٿيا؟

وَشَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّجَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاللّٰهُ لَا

۽ شاهدي ڏنائون تہ اهو رسول سچو آهي ۽ آيا انهن وٽ معجزا ۽ الله نہ

۽ (پهريائين) اقرار ڪيائون تہ پيغمبر سچو آهي ۽ وٽن معجزا (بہ) آيا، ۽ الله

يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٦﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ اَنَّ عَلَيْهِمْ

تو هدايت ڪري ظالم قوم کي. اهي ئي سزا انهن جي آهي تہ پوندي انهن تي

ظالم ٽوليءَ کي هدايت نہ ڪندو آهي. اِهي اهي آهن جن تي سزا (هيءَ) آهي تہ مٿن

لَعْنَةَ اللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٧﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ

ڦٽڪار الله جي ۽ ملائڪن ۽ ماڻهن سڀني جي. هميشہ رهندا ان ۾.

الله ۽ ملائڪن ۽ مڙني ماڻهن جي لعنت آهي. اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن.

لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٨﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا

نہ هلڪو ڪيو ويندو انهن ڪان عذاب ۽ نڪي اهي مهلت ڏنا ويندا. مگر جن توبہ ڪئي

کانئن عذاب هلڪو نہ ڪبو ۽ نہ اُنهن کي مهلت ڏبي. پر جن اُن ڪان پوءِ توبہ ڪئي

مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۟ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٨٩﴾ اِنَّ

ان ڪان پوءِ ۽ چڱا ڪم ڪيائون پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. بيشڪ

۽ (پاڻ) سڌاريائون تہ بيشڪ الله (بہ) بخشڻهار مهربان آهي. جن پنهنجي ايمان

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّنْ تُقْبَلَ

جن ڪفر ڪيو ايمان آڻڻ ڪان پوءِ وري وڌيا ڪفر ۾ تہ هرگز نہ قبول ڪئي ويندي

آڻڻ ڪان پوءِ ڪفر ڪيو وري ڪفر ۾ وڌيا تن جي توبہ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪبي،

تَوْبَتُهُمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الضَّآلُّوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَمَاتُوْا

توبہ انهن جي، ۽ اهي ئي گمراهہ آهن. بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ مري ويا

۽ اهي ئي گمراهہ آهن. پڪ جن ڪفر ڪيو ۽ اهي ڪافر ئي مئا تن مان ڪو

وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْ اَحَدِهِمْ مِّلْءُ الْاَرْضِ ذَهَبًا وَّلَوِ

ڪفر جي حالت ۾ پوءِ هرگز نہ قبول ڪئي ويندي انهن مان ڪنهن بہ هڪڙي ڪان ڀريل زمين سون جي جيتوڻيڪ

هڪڙو اگرچہ سڄيءَ زمين جيترو سون (پنهنجن گناهن جي) عيوض ڏئي تہ بہ اهو اُن ڪان

افْتَدٰى بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ وَّمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٩١﴾ ع ٩

عوض ۾ ڏئي ان کي، اِهي اهي آهن جن لاءِ عذاب ڏکوئيندڙ آهي ۽ ناهي انهن جو ڪوئي مددگار.

قبول نہ ڪبو، اِهي (اهي) آهن جن لاءِ ڏکائيندڙ عذاب آهي ۽ اُنهن جو ڪو مددگار ڪونهي.

